# سڄڻ جو سنگ

آزاد نظم



اندرا شبنم

# سلڻ جو سُک

(آزاد نظم)

اندرا "شبنم"

**Salana Jo Sukh**
(Azad Nazam)
by Indra 'Shabhnam' ©

**Year of Publication** : 2000

**Published by :**
Indra 'Shabhnam'
9/B Mayurban Apts.
1100, Shivaji nagar
Model Colony, Pune-411016
Phone : 5652825, 5671039

**Typesetting :**
Shri Harkishin Samtani
MSP Pagesetters
Basement-8, Akshay Complex
Dhole Patil Road, Pune-411001
Phone : 6125431 ,6124017

**Printed by :**
Noble Printers Pvt. Ltd.
Shiv Ganga Chambers
Budhwar Peth, Pune-411002

**Price** : Rs. 60/=

"This book is published with the financial assistance
from Indusinds Foundation, New Delhi

# ارپيان ٿي

رچناڪار جي رچيل،
اُنهن هوائن کي
جي مون سان سرگوشي
ڪنديون رهنديون آهن.
وڻن، گُلن، پهاڙن،
جهرڻن، ندين، ڍنڍن،
سج، چنڊ، تارن،
آڪاش ۾ ترندڙ بادلن،
ڪائنات جي ڪڻ ڪڻ کي.
۽ پنهنجي اردگرد
ڄاتل - سڃاتل ڪردارن کي.
جي منهنجين،
ڪوتائن، ڪهاڻين، ناولن، ناٽڪن
۾ اچڻ لاءِ آماده آهن.
دل جي قريب رهندا آهن
رهاڻيون ڪندا رهندا آهن.

-- اندرا 'شبنم'

# اندرا 'شبنم'

| | |
|---|---|
| پورو نالو | اندرا تيڪچند شهدادپوري |
| شاديءَ کانپوءِ | اندرا پوناوالا. تخلص 'شبنم' |
| جنم | ٢٤ نومبر ١٩٥٠ (اسڪول ۾ ٢٤-١١-١٩٤٧) |
| جنم آستان | ڪراچي (سنڌ) |
| پڙهائي | بي.اي.، بي.ايڊ. (انگلش ماڌيم) |
| | هنديءَ ۾ ساهت رتن ۽ شڪشڪ سند |
| پيشو | ٢٣ سال ماستريائي |
| | ١ سال يرودا جيل جي ليڊيز وارڊ جي وارڊن |
| | ١ سال گوناٽي وياڳہ جي پوليس ڪاتي ۾ مجرمن جي ڪيسن جي ڇنڊڇاڻ ڪندڙ. |
| مشغوليون | ١) ايس.ايس.واءِ. يوگا جي ساڌڪ يعني سيڪارينڊڙ، ريڪي ماستر |
| ڇپيل ڪتاب | ١) 'شبنمي قطرا' غزلن ۽ آزاد نظمن جو ڪتاب. |
| | ٢) 'عبادت' ڪهاڻين جو مجموعو |
| | ٣) باقي رچنائون مئگزنن ۾ آيل. |
| | ٣) مراٺي ڪوتائون پڻ 'سڪال' ۾ ڇپيل. |
| ترجما | ١) سنڌيءَ مان هنديءَ ۾ ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون. |
| | ٢) سنڌيءَ مان مراٺيءَ ۾ ڪهاڻيون ديش دوت ۾ آيل. |
| انعام | جنوري ١٩٩٦ دهليءَ سنڌي اڪادمي وتان باعزت انعام |

# شڪرگذاري

شڪرگذار آهيان پرماتما جي، جنهن سلڻ جي ذات عطا ڪئي آهي.

پنهنجي گهر جي ڀاتين جي، جي مونکي فرصت جا پل ڏيئي سگهن ٿا، جو مان ساهت لکان ۽ پڙهان ٿي، انهن لاءِ مان بيحد ٿورائتي آهيان. هوُ مونکي همٿائين ٿا ۽ ساهتڪار هئڻ جو قدر ڪن ٿا. هڪ گرهستڻ لاءِ، اها بيحد فخر جي ڳالهه آهي. منهنجو پُٽ راڪي (راڪيش)، ڌيءُ پنڪي (گايتري) ۽ محبوب ۽ وڏي، ڪشاده دل جو، ملنسار پتي جن جو منهنجي اوسر ۾ وڏو هٿ آهي.

هن ڪتاب ڇپڻ ۾ انڊس فائونڊيشن جي رپيا -/٥٠٠٠ مدد ملي آهي، جا سنڌي ساهت کي همٿائڻ لاءِ آهي. مان شري ٺاڪر چاولا ۽ انڊس فائونڊيشن جي تهدل شڪرگذار آهيان.

منهنجا ڪئي ساهتڪار مترجي مونکي بيحد همٿائيندا رهندا آهن ۽ منهنجي پيار ۽ پنهنجائپ جي سڏ جو پڙاڏو ڪنهن برمهل، ڪُمهل، سک، ڏک ۾ ڏيندا رهندا آهن. اُنهن جي ساٿ، حوصلي، مدد، مونکي هن اوکي ڏڳ کي سؤکو بڻائڻ ۾ مدد ڪئي آهي. 'ٿئي مٿان، پر ڪنهن جي هٿان.'

شڪرگذار آهيان پتا سمان شري 'مالهي' جي، جنهن عليل صحت هوندي به، مون ناچيز لاءِ عالماڻو مُهاڳ لکيو آهي.

لکمي کلاڻي، بيحد مشغول هوندي به، ڪجهه پل ڪڍي منهنجن آزاد نظمن لاءِ لکيو آهي.

ياڳ جينت ريلواڻي سچي ڪتاب کي تمام گهرائيءَ سان پڙهي، اُهو ڪجهه لکيو آهي جو مون سچ پچ ڪوتائون لکندي سوچيو آهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن شاعرا جي سوچ کي سمجهڻ ۽ لکڻ مون لاءِ اچرج جي ڳالهه آهي، اکر نٿا سُجهن.

شري ليکواڻيِ، هڪ بيحد ويجهي متر سمان منهنجي نظمن کي ڪجهه هجي جي غلطين کان بچائي ورتو آهي. مونکي هن صاحب 'سلڻ جي سُکُ' تي ڪجهه لکيو آهي، اِهو مون تي احسان آهي.

شڪرگذار آهيان شري سامتاڻيِ ۽ هريش ڏوڏيجا جيِ، جن مونکي ڪتاب ڇپڻ جي اؤکي ڪم کي سؤکو ڪري ڏنو آهي ۽ رهنمائيِ ڪندا رهيا آهن.

اندرا 'شبنم'

# فهرست


| | |
|---|---|
| ٻه اکر - گوبند مالهي | ١ |
| يوڳيل پيڙا جي اُپج - جينت ريلواڻي | ٤ |
| تڙيل پکڙيل عکس - لکمي کلاڻي | ١١ |
| هن مجموعي بابت - ڊا.ڪنعيالعل ليکواڻي | ١٥ |
| ١. شبنمي قطرو | ١٧ |
| ٢. رات جي سناٽي ۾ | ١٩ |
| ٣. سهو | ٢١ |
| ٤. هارياڻي | ٢٤ |
| ٥. بجلي بتي | ٢٦ |
| ٦. سنڌيت کي بچايو | ٢٧ |
| ٧. اپاهج | ٣١ |
| ٨. هڪ حساس دل | ٣٣ |
| ٩. گهر چوندا آهن | ٣٥ |
| ١٠. هولي | ٣٦ |
| ١١. سونهن جو سراپ | ٣٧ |
| ١٢. رهائي | ٣٨ |
| ١٣. سکل وڻ | ٤٠ |
| ١٤. تلاش | ٤١ |
| ١٥. دائرا | ٤٢ |
| ١٦. گنگو | ٤٥ |
| ١٧. ڪجهه پاتو | ٤٧ |
| ١٨. ناهه | ٤٨ |
| ١٩. اڄ جي رات | ٤٩ |
| ٢٠. گول روٽيءَ جو گهيرو | ٥٠ |
| ٢١. آرتوار | ٥٢ |

٢٢. هڪ احساس ........ ٥٥
٢٣. سوالن جا جواب ........ ٥٦
٢٤. خطرناڪ پراڻي ........ ٥٨
٢٥. عشق کان محروم ........ ٦٠
٢٦. تنهنجا - پنهنجا ........ ٦٣
٢٧. هلندي هلندي ........ ٦٤
٢٨. رشتن جي پُل ........ ٦٥
٢٩. وجود ........ ٦٦
٣٠. سرگوشي ........ ٦٧
٣١. برادري ........ ٦٨
٣٢. تصوري ڪمزوريون ........ ٦٩
٣٣. ديوار ........ ٧١
٣٤. رشتا ........ ٧٢
٣٥. واپس ورندا ........ ٧٥
٣٦. اُداس تون ........ ٧٧
٣٧. ڌرتيءَ جي ڪشش ........ ٧٨
٣٨. بارش ........ ٨٠
٣٩. اُلو ........ ٨١
٤٠. پل ٻه پل ........ ٨٣
٤١. پتيل پاراتو ........ ٨٤
٤٢. مبهم مبهم ........ ٨٦
٤٣. دونهون ........ ٨٧
٤٤. اونداهو عرصو ........ ٨٨
٤٥. مُهرا ........ ٨٩
٤٦. تون تون تون ........ ٩٠
٤٧. حقيقت ۽ پور ........ ٩٢
عبادت - خط ........ ٩٣

# ٻه اکر

چند مکت ۽ علم عروض جي پابندين کان آزاد ڪوتا، جهڙي لکڻ سؤلي سمجهبي آهي، اوتري مشڪل آهي. اُن تي هڪ شرط ته لازمي آهي، ڪوتا هجي يعني نظم هجي ۽ نظم هجڻ جي ناتي اُن ۾ هڪ قسم جو تال هجي ۽ سنگيت مئه به هجي نه ته اُن کي نثري نظم به ڪوئي نه ٿو سگهجي. تال ڀل طبلي جي ٻولن مطابق نه هجي، سنگيت ڀل هارمونيم جي پردن تي پورو نه اُتري، پوءِ به من ئي من ۾ ڪا لهر اُپجي، اُن لهر ۾ رواني هجي ۽ اُن روانيءَ جو دل جي ڌڙڪڻ سان نسبت/ناتو جڙي وڃي ته اُها آزاد ڪوتا صرف چئي نه، جي سگهجي ٿي. اِها دل طرفان مڃتا به ظاهري نثري جملن کي ڪوتا قرار ڪرائي ٿي.

اندرا پوناوالا جي دل جا اُدما سنگيتميه رهيا آهن، تنهن ڪري اُهي ڪوتا روپ ٻڌجن ٿا ۽ دل کان دل تائين پهچن ٿا ۽ شبنم جو سنديش ٻُڌڻ لائق، ويچار لائق، ساراهه لائق ٻڌائين ٿا.

هيءُ مجموعو اندرا جي اندر جي اُدمن جو آئينو آهي، جنهن ۾ لئه به آهي، مڌرتا به آهي ۽ تاثير به آهي. ڪي آزاد ڪوتائون ته اجوڪي ماحول ۽ اجوڪي انسان جي اجوڪي من جو عڪس پسائين ٿيون. البت ڪن ۾ شعر کان وڌيڪ نثر وڌيڪ دخل انداز آهي. گهٽي ڀاڱي هيءُ ڪوتائون اندرا جي شبنم هجڻ جي شاهدي ڀرين ٿيون.

الائي ڪيئن مجموعي جي پوين ڪوتائن ۾ خيالن جي اُڏر، انيؤ جي گهرائي ۽ بيان جي قوت دل کي ڇهندڙ ئي نه،

ڳولهي ڏيو، هڪ ٻيءَ پنهنجي نت ڏني ۾ سنڌيت جا رکوالا، ڪڙهي چانورن کي ساراهي رهيا هئا - خوب طنز آهي.'

'اڄ دونهون نڪري ٿو
هن جهوپڙيءَ مان
پڪ ئي پڪ ماني اُتي رڌي هوندي
بک اڄ اُت پڪ ٽڪي هوندي.'

'پريو پرٿويءَ تي دير سان ئي موڪلج
پريوار نيوجن واري ڪتنب ۾ موڪلج
جتي اسين ٻہ، اسانجا ٻہ هجن.'

'مُڪت تي وڃ
هميشہ لاءِ
پنهنجي ئي اُٽيل
ڪنهن چڪرويوهہ مان.'

'جيڪو سورهن آنا سچ آهي
اُن سچ جي سورج کي
ڪوڙ جا بادل
ڪيستائين ڍڪي سگهندا؟'

مان چاهيان ٿو 'سلڻ جو سڪ' جو شبنم پانڪن سان ورهائڻ چاهيو آهي، سو گهڻن کان گهڻن پانڪن تائين پهچي ۽ هنن جو ردِ عمل (جي خطن ذريعي اچي وڃي) شبنم کي وڌيڪ سڪ سلڻ جو اُتساه ڏئي. ۽ بس.

گوبند مالهي

ڪانديولي
١٩-٤-٢٠٠٠

ڪي ڪو نانءُ ڏيڻ، رنگ چاڙهڻ يا فريم ۾ جڪڙڻ ضروري آهي ڇا؟ اِنساني من جا رشتا ته روشني آهن. آڪاس جي اُڏام آهن. ڇا اُهي بي نام نتا ٿي سگهن؟ رشتن جي اِها ليبل اِنسان کي سچائيءَ کان ڪنارو ڪرائي ڪوڪلو ۽ ڏيونگي نتي بڻائي ڇڏي؟ (رشتا). اندرا، حقيقي رشتن جي اها اُڏام پري آهي. هوءَ، رم جهم وسندڙ 'اوم جي ڌن' ۾ 'اهم برهما سميءَ جو ناد ٻڌي سگهي ٿي. اَدويت جي اُن سچي رشتي لاءِ رب کي منائي، پَنَنِ جي کنک، بارش جي جهنڪ، مهنديءَ جي مهڪ ۽ بُلبل جي چهڪ جو روحاني راز ٻڌائي ٿي. (بارش).

شاعراڻي شبدن جي اکُوٽ ڀنڊار جي مالڪڻ، زندگيءَ جي گنڀيرتا کي پرکيندڙ، هن جزباتي پر بيباڪ شاعرا جي هنن ڪوتائن جي شبدن جي ذري ذري ۾، سندس نازڪ ۽ ڪومل ڀاوَ پويل آهن ته نواڻ ۽ حق لاءِ لڙندڙ بغاوتي اُمنگ به پويل آهن. سندس هي ڪوتائون موجوده دؤر جي گوناگوُن حالتن جي ترجماني ڪيون ٿيون ته دقيانوسي روايتن کي سڏڻ جو آهوان به ڏين ٿيون.

فئملي پلاننگ تي اثردائڪ ڪوتا 'گنگوُ' زلزلي جي ڀيانڪتا جو ورڻن ڪندڙ ڪوتا 'اڄ جي رات' رڪاوٽن کي اورانگهي ترقيءَ جو سنديش ڏيندڙ ڪوتا 'اونداهو عرصو'. 'سڪل وڻ' جي ٻڌاپي سان ڀيٽ ڪندڙ شاعرا وڻ کي 'رشتن جي پُل' قرار ڪندي، وڻن جي نابوُديءَ سامهون نه صرف پرياورڻ جي خطري کان آگاهه ٿي ڪري پر پرمپرا کي ٽوڙڻ سامهون آڪروش جو اظهار به ڪري ٿي.

سندس داخلي جيون جي احساس سندس اُڌمن ۾ ڀرپور صداقت پوئي ڇڏي آهي ته سوُرن جي سؤ صورتن ڪيس عالمگير نظريو

ٻہ بخشيو آهي. ان سبب خارجي طور ٻہ، ڪوتائن ۾ هن جن ٻہ وشين کي پويو آهي شاعراڻي انداز ۾ نباهيو آهي.

...... ۽ ان سبب، ڪوتائون پڙهندي، اندرا کان پڇڻ لاءِ، من ۾ هڪ سوال اُڀري آيو آهي تہ، منهنجي هن پياري ننڍڙي ڀينڙيءَ، سهديوَ جي نہ سلڻ جي پيڙا بجاءِ، سلڻ جو سُکہ' پائڻ لاءِ، ڀنيرڪي جو اُتي پَتي پَتي (پن پن) تان ميڙيل شبنمي قطرن ۾ قلم ٻوڙي، هنن ڪوتائن جو سرجن ڪيو آهي. ڪينَ، پنهنجن آنسن يا رت بندن جي مَسُ ۾ قلم ٻوڙي 'سلڻ جو سُکہ' پاتو آهي ؟

جينت ريلواڻي
راجڪوٽ

محاوير جينتي
١٦ اپريل ٢٠٠٠

4/9, Shastri nagar
B/U Gurudwara
Rajkot - 360001
Phone : (0281) 449966

# ٽٽڙيل پکڙيل عڪس

هڪ خوبصورت عورت (زندگي ) هٿ ۾ آئينو جهلي اُن ۾ پنهنجي من موهيندڙ چهري جو عڪس پسي، من ئي من ۾ مسڪرائيندي هجي ۽ اچانڪ اهو آئينو سندس هٿ مان ڇڏائجي پٽ تي ڪري چينهون چينهون ٿي وڃي. اندرا شبنم جي هن آزاد نظم جي مجموعي ۾ زندگيءَ جا اِهي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويل ڪيئي عڪس پٽ تي ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. اهي اسانکي پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ، سالم ڪرڻ، اُنهيءَ پل ۾ ڪا معني، ڪو مطلب ڪڍڻ لاءِ باڏائي رهيا آهن.

اچ دونهون نڪري ٿو، هن جهوپڙيءَ مان
پڪ ئي پڪ ماني اُتي رڌي هوندي!

هڪ ٻُڍي مائي (سنڌيت) هڪ ڪُنڊ مان اُٿي،
نياڻين جي ماءُ جي هٿ ۾
پنهنجي نٿ رکي
پيڙ ۾ غائب ٿي ويئي!

جنم وٺڻ کان اڳ ئي ڪيترين ڌيئن کي
سونوگرافيءَ ڪانپوءِ گرڀ ۾ ئي مون مارايو!

دنيا ير جا بگهڙ ۽ بدذات ڳجهون
سڀ ان لاش جو چشڪو وٺڻ چاهن ٿا!

شاعريءَ اندر ٽڙيل پکڙيل اهي عڪس اسانکي دل جي اندرين

تهہ تائين شدت سان ڏوڏي چڙين ٿا. هن زندگيءَ بابت سوچڻ لاءِ آمده ڪن ٿا. ان جي سچائيءَ سان دوبدو ڪن ٿا. وڏيڪ شعوري، وڏيڪ چيتن شيل بڻائين ٿا.

شاه ڀٽائيءَ جو شعر آهي :

دل ڪر درخت جي دستور
ڇاڙپ لڳي، ڇڳا ڇٽن، ميوا ۽ ٻيو ٻوڙ!

سچ، اندرا شبنم موجب اڄ جو انسان 'سڪل وڻ' ۾ تبديل ٿي ويو آهي. اُهو نہ ڪنهن مسافر کي ڇانو ٿو ڏيئي سگهي، نہ ئي پکين کي وشرام، نہ اُن ۾ ڪو ميوو ٿو لڳي، نہ ئي ٻور ٿو اُپجي. بنا پنن ۽ ٽارين وارو اهو اُداس اُداس اڪيلو بيٺل سڪل وڻ انساني نفرت جي جذبي جو پرتيڪ بڻجي ويو آهي.

پکين نہ وشرام، پنٿي نہ آرام
نفرت ڏي اڪيچار
سڪل ٽارين جو وسڪار
سڪل چڙيل اُداس،
هيءُ سڪل وڻ!

هفتي ۾ ست ڏينهن ٿيندا آهن. ڇهہ ڏينهن بلڪل ساڳيا، هڪ ٻئي جي ڪاربان ڪاپي، پر ستون ڏينهن آرتوار جو ٻين ڏينهن کان علحدو ٿيندو آهي. اُن جو رنگہ ڍنگہ، ڏيکہ ميکہ، ذائقو، شڪل صورت، احساس نجو پنهنجو هوندو آهي. جنهن کي اندرا هن نموني محسوس ڪيو آهي.

آرتوار هڪ گرم ساهہ
آرتوار هڪ ٿڌو شوڪارو
آرتوار هڪ وڏيل ٿڪاوت

آرتوار گڏجڻ مسجڻ ۽ بناوت
آرتوار هڪ نقلي مسڪراهٽ
آرتوار هڪ مشاعرو، هڪ سميلن،
آرتوار هڪ يوگا جو ڪلاس
آرتوار سومر صبح تائين
ڀنار جو انتظار!

اندرا لڳي ٿو هي الفاظ اسان ليکڪن ڪلاڪارن لاءِ چيا آهن :

مان اهڙو ماڪ ڦڙو آهيان،
جو وڻن، پنن، گُلن، گاهن تي
چمڪندو، ٻهڪندو پنهنجي
سونهن سوڀيا وڌائيندو رهيو. آهيان
(پر ڪنهن جي ڏک درد جا
ٻه ڳوڙها اُگهي نه سگهيو آهيان.)

شايد اسانجا گهڻا ليکڪ اهم جي کوپي ۾ پاڻ کي بند ڪري اهليا جهڙا برفيلا بوتا بڻجي ويا آهن. اندرا جي لفظن ۾ :

مان هڪ برفيلي سپ کان اونچي چوٽي
پنهنجي بلندي کي ڏسي ڪپڙن ۾ نٽي ماپان
پر ڪنهن به ڀُڳه ۾ جنهن کي
ڪنهن انسان جي چرڻ سپرش نه ڪيو هجي
جو اهليا جيان مُڪتي ملي منهنجي اهم کي!

اندرا جو 'عشق کان محروم' شعر اسان ڌرتي ڏڪاٽيل سنڌين جي صحيح تز تصوير آهي. اسان جا ميهار، پنهوُن، مجنوُن

پنهنجن سهٽين، سسئين، لئلائن کي پنتي ڇڏي، پئسو ڪمائڻ لاءِ پرديس لڏي ويا ۽ جڏهن واپس موٽيا :

سال گذريا، مندون موٽيون،
ڍڳ پئسا، ڍڳہ ناڻا ڪمائي
پنهنجي وڇڙيل محبوبائن کي
ڳولهڻ لڳا، ڪوڪلي آواز ۾ سڏڻ لڳا.
..... ..... .....
عشق کان محروم
اهي روبو(ٽ)
پئسن ڪمائڻ جون مشينون
پنهنجي سيتا، سنسڪارن کان وانجهيل
ڪروڙپتي پر بڪاري!

اندرا 'شبنم' زندگيءَ جا اهڙا ڪيترائي ٽڪرا ٽڪرا ٽيل عڪس ميڙي اسان اڳيان پيش ڪيا آهن. اسانکي زندگيءَ جي صحيح حقيقت جو احساس ڪرايو آهي.

اُهوئي شاعر ڪنهن اونچيءَ منزل کي رسبو جيڪو هرڪو نئون انيؤ ماڻڻ لاءِ پنهنجي دل ۽ دماغ ڪليل رکي ۽ ٽو لکڻ جو لڳاتار اڀياس ڪندو رهي ٿو.

ڏاڪڻ ڪانہ ڏسڻ ۾ آئي
ماڙيءَ کي ڪنهن مومل ماڻي؟
(شيام)

-- لکمي کلاڻي

# هن مجموعي بابت.....

’سلڻ جو سُک‘ سنڌي ساهت ۾ اندرا شبنم جي تين داخلا آهي. هن کان اڳ سندس هڪ ڪوتائن جو مجموعو ۽ هڪ ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿي چڪا آهن.

سنڌي شاعريءَ جي مختلف صنفن مان ’آزاد نظم‘ پڻ موضوع ۽ عبارت جي نواڻ سبب ڪافي منزلون طئہ ڪري چڪي آهي. ان ڏس ۾ شبنم جي هيءَ ڪوشش مبارڪ قدم آهي.

جديد شاعريءَ جي تخليق جو بنياد پوڳيل سچ سلڻ ٿي رهيو آهي. اها علم عروض جا روايتي بنڌن ناڪاري ٿي، سينگار جي نالي تي گنل ۽ جڙتو النڪارن جو بار غير ضروري سمجهي ٿي. سهجتائي ان جي لازمي ضرورت آهي. شخصي علامتن جو استعمال ڪندي ڪنهن نئين ڪنڊ کان تکي چوٽ ڪرڻ جي قوت رکي ٿي جا ڪن پلن لاءِ پاٺڪ کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. شبنم جي ڪن ڪوتائن ۾ اهي خوبيون ملن ٿيون.

اڄ جو انسان بدبختيءَ ۽ بيوسيءَ سبب پين جي شاتر هٿن جو مهرو بڻجي چڪو آهي (مهرا). هن لاءِ ان چڪرويوهہ مان نڪرڻ ناممڪن بڻجي پيو آهي (سوالن جا جواب). هو ڪنهن تي وشواس رکي سندس سايي ۾ سک جو ساهہ پٽڻ جي موهہ ۾ ڪيترن اٽوٽنڊڙ سمجهوتن جي دائرن ۾ ڦاسجندو پيو وڃي (دائرا). ڪيترا دفعا پنهنجي اڃائن ۽ اميدن کي دٻائي ناهہ ڪرڻو ٿو پوين (ناهہ). اهي سڀ ڳالهيون شاعرا کي بيچئن ڪن ٿيون. تنهن هوندي بہ هوءَ دنيا جي وهڪري ۾ پاڻ کي وهائي وڃڻ بدران هن جي ضد ۾ اڳتي وڌندي پنهنجو وجود قائم رکڻ لاءِ جدوجهد ڪري ٿي. (شبنمي قطرو).

ڪڏهن ڪيس محسوس ٿو ٿئي ته اهو اونداهو عرصو ختم ٿي ويندو (اونداهو عرصو). بيابان خيابان ۾ تبديل ٿي ويندو (پل به پل). ڪڏهن وري ڏيکاءَ پريءَ همدرديءَ ۾ دم گهٽيندڙ دنيوي رشتن کي بي معنيٰ سمجهي وسيع امر ناتن سان جڙڻ چاهي ٿي (رشتا).

سماجي سطح تي دنيا ۾ ٿيندڙ ظلم ڪيس بي چين ڪن ٿا (هولي). هوءَ پنگتي براين تي تکي طنز پڻ ڪري ٿي. هوءَ ناريءَ جي آتم سمان کي ساراهي ٿي (هارياڻي). سنڌيءَ ۽ سنڌيت جو به اونو اٿس.

شبنم هنن ڪوتائن ذريعي سلڻ جو جيڪو سڪ پاتو آهي، اهو پاٺڪ پڻ ونڊي سگهن ٿا.

-- ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي
ويسٽرن ريجنل لينگويج سينٽر،
ڊيڪن ڪاليج، پونو.

# شبنمي قطرو

سورج کي اهو وهم ڪنهن وڏو آهي
تہ شبنم جي مقدس نوُرانيِ
بوند کي، ٻيهڻ سان ئيِ،
هو امر پد پائيندو؟
طاقتور سڏائيندو!
پرهہ ڦٽندي ئيِ
پنهنجا ڪرڻن روپي دوُت موڪلي،
شبنمي قطري جي وجوُد کي
ختم ڪرڻ جي
گهري سازش ۽ شرارت ڪندو رهندو آهي.
گهات گهڙيندو رهندو آهي
نازڪ، ناڪئون ماڪ ڦڙو معصوم ۽ پاڪ
قدرت جي هر ڪڻ ڪڻ کي
مدد لاءِ ٻاڏائيندو رهندو آهي.
آڪاش، وڻ، گل، پن، جهرڻا
گونگا، ٻوڙا، انڌا بڻجيِ
اهو ظلم ڏسندا رهندا آهن
خاموش تماشبين بڻجيِ
ڇا؟ اُهن خاموش گواهن کي بہ
شبنم جو حسين وجوُد
ختم ڪندڙن ۾ نہ ليکجي؟
جيئن دروپديءَ جو چير هرڻ
برابر هڪ دريوڌن ڪيو،

پر اُن دربار ۾ سڀني حاضرينن کي
اُن ڪڌي ڪرتوت ۾ شامل نہ ليکجي ؟
پر ساٿيو!
شبنم اڄ ڪان بہ اڳري
مُرڪندي جرڪندي، لڏندي لمندي،
روز .....
پنهنجو وجود، دُهرائيندي آ
سورج کي، جڪائيندي رهندي آ
۽ سورج ويچارو !!
صدين کان،
شبنم جي هئڻ نہ هئڻ،
فنا ۽ بقا جو راز لهڻ لاءِ
’شبنم‘ کي فنا ڪرڻ لاءِ روز اُڀرندو
روز لهندو آ.
پرماتما بہ پسندو آ
شبنمي قطري جو حوصلو ۽ همت
۽ سورج جو اهم پريو، مچڏو سياءُ
۽ حيرت ۾ پوندو آهي
پنهنجين ئي رچنائن کي رچي،
پاڻ رچناڪار

# رات جي سناٽي ۾

رات جي سناٽي ۾
هڪ وجود اُڀرندو آ
سانتيڪو
پنهنجو پاڻ ۾ ئي پورو
دنيا ير جي مسئلن کي
پنهنجو سمجهندڙ
همدرد، باغي، اڪيلي شاعرا جو
پتني، ماءُ، مالڪياڻي، ڌيءُ، ڀيڻ
سڀ رشتا
سڀ لقب
جهڪا، جهڪا ميساريل ميساريل
ڀاڄين واري، ڌوٻي، نوڪرياڻي
بجيت، خرچ، ٻار
ٻارن جي پڙهائي
پاسي وارن جي
حد دخلي
ڪنهن جي ڇنڊڙي
ڪنهن جي ڇُرچ
ڪنهن جي چمات
سڀ ڌنڌلا ڌنڌلا
ڪايا جي بوجهہ ڪانسواءِ
هڪ سوڪيم آتما
اُڀندي آهي

ڪجهه لکندي آ
ڪڪڙ جي ٻانگ وقت سمجهندي آ
ڪير واري جي دستڪ تي اُٿندي آ.
ڇو نه ڪتندڙ ڪم
نه ختم ٿيندڙ ڳوڙ
رشتن، ناتن کي سنڀاليندي
هڙ پٽ ڪري
اُها ڪايا، اُها ديه،
وري انتظار ڪندي آهي
اُن رات جي سناٽي جو.
رات جي سناٽي ۾
لکندي رهندي
گنگنائيندي رهندي آهي،
ڪجهه چوندي رهندي
ڪجهه لکندي رهندي آهي
هڪ سوکيم آتما
رات جي سناٽي ۾.

”مونکي سهو تمام وڻندو آهي“
”جِي“
”شريمتيِ جيِ! ياڳوان، تو پڇيو نہ ڇو؟“
”هان جيِ، ڇو؟
توهانکي سهو ڇو وڻندو آهي؟“
هُن جوءِ طرف
فاطمہ يريءَ مرڪ سان
نهاريو،
۽ سڄي جو مهاتم شروع ڪيو
هوءَ چپ - چاپ ٻڌندي رهي
هوُ ٻڌائيندو رهيو.
” گونگو آهي
اکين سان گفتگو ڪندو آهي.
اشاري سان ئي سمجهي ويندو آهي.“
” هون“ شريمتيءَ وراڻيو.
”ٻيو، گيدي آهي
هڪ رڙ ڪر، بس!
ڏکي وڃي ڪنڌ پڪڙي.
ڪاڻڻ پيئڻ ۾ نخرو نہ،
ڪجهہ بہ چارو ڏينس پيٽ ۾ توسيندو وڃي“
هو گهر ۾ سهو وٺي آيو.
سهي تي طرح طرح جا تجربا ڪري
هن جي گُڻن جي تعريف ڪري

گهرڌياڻيءَ، گهر جي ننڍين وڏن ڳالهين تي
يارن دوستن ۾ 'سهو' ۽ سندس ڳڻ،
لوڪپريه ٿيندا ويا.
بئنڪ ۾ سڀ سهي جي نالي سان،
هرڳالهه جي شروعات ڪرڻ لڳا.
چؤطرف واه واه مچي ويئي.
هن صاحب ۽ سندس سهي جي.
بدقسمتيءَ سان، اهو سهو،
هڪ ٻليءَ جي خونخوار، پنجي جو شڪار ٿيو.
سرگڏام پڌاريو.
گهر تي ڄڻ ته وڄ ڪري پيئي
هوُ سچڻ، گهر مان نڪري ئي نه
سهي جي ياد ۾، ماتم منائيندو رهيو.
ڪڏهن ڪلندو، ڪڏهن روئندو رهيو
سهي جي ياد!
وسريس ئي نه
هُن جي زال جي ڪلپنا ۾
هر وقت سهي جي شڪل ۽ سهو رهڻ لڳو.
هُن جون عادتون،
هُن جون اکيون
هُن جي خوراڪ،
هڪ نه پرڻ وارو خال گهر ۾ رهڻ لڳو.
هڪ دفعي، مهاشيه جي،
فون تي گفتگو ڪري رهيو هو
ڪنهن ڳالهه تان مڙس تپي باه ٿي ويو

زور زور سان ڳالهائڻ لڳو.
غصي وچان منهن ٺامٽي هٽين ويس.
اچانڪ ! هن جي نظر
ڪنهن نظاري تي پيئي
هن جي هٿ مان،
فون ڪري پيو
ڇا ڏسي !
هن جي پٽني تر تر ڏڪندڙ
چهرو زرد، اکيون ٽڪ مڪ ڪندي
وات ۾ گاه جو سلو دبائي
اُن ڇاتل سڇاتل، مقرر جڳهه تي
سهميل، ڪنبيل ويني هئي
جتي سندس پيارو، دلارو سهو ويهندو هو
۽ اُن ساعت کان پوءِ
گهر ۾ هڪ خال پرجي ويو.

# هارياڻي

پنين ٻوڙ پاڻيءَ ۾
هوءَ چانورن جا سلا
اُکيڙي رهي هئي.....
گنگنائيندي،
ڪو، ڪٿان ٻڌل گيت
مگن ۽ مصروف،
بي نياز منهنجيءَ آهٽ کان ۽ نهار کان
۽ آس پاس جي ماحول کان
مون گلو صاف ڪيو ۽ کنگهيو
هن ڇرڪ ڀريو، نهاريو ۽ مُرڪيو
۽ ڪنڌ هيٺ ڪري وري ڪم ۾ جنبي ويئي.
مون سندس هڪ فوٽو ڪڍيو.
هُن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو،
مون ڪيس ساراهيو
”انسان ذات جي پيٽ ڀرڻ لاءِ
تون پاڻ پتوڙي رهي آهين،
ڪشت ڪشالا ڪڍي رهي آهين
آفرين! آهي توکي“
مان ڪيس سندس ساراه جا،
لفظن روپي هار پائيندي رهيس،
ساراهيندي رهيس ۽ ساراهيندي ئي رهيس.
هُن جا هٿ هلندا ئي رهيا،
ڪم ڪندا ئي رهيا.

نہ ڏُڏيا، نہ رُڪيا.
وقت گذرندو رهيو
ڪُن ڪنڌ متي ڪيو.
ڀڄاڙن جي ڀنيان لهندڙ سورج کي نهاريو
رُنبو ۽ ڏاتو رکيائين
پلوءَ سان ڀگهر اُگهيائين
ڀڻ ڀڻ ڪرڻ لڳي،
ڀنهنجو ڀاڻ سان،
هاءِ رام !!
دير ٿي ويئي،
مالڪ کان اٺ رپيا
اڄُ جي مزوري ڳهُران
ان خريدي ڀيسايان
اوڏر ٿي ڀاڃي وٺان،
گهر وڃي ماني رڌيان،
ٻارن جي پيٽ ۾
ڪوئا ڊوڙندا هوندا
ڀتار تہ نشي ۾ ڌُتُ
ڪنهن کڏ ۾ ڀيو هوندو
اُن کي گهر ڪٺائي وڃان
۽ ٽڪڙي وکہ وڌائي
مون پريس رپورٽر جي وجوُد کان
بلڪل بي خبر
اونده ۾ غائب ٿي ويئي.

# بجلي بنيِ

ڪاشيءَ جي گنگا گهاٽ تي
پراڻيءَ کي جلائڻ سان
سڌو سرڳہ سڌاربو
پُٽ جي هٿان
اگني نصيب ٿيڻ سان بہ،
سُرڳہ جا دروازا کُلندا
وَصِيَتَ تہ ڪريان
مُنهنجي مرڻ ڪانپوءِ
مونکي بجلي بنيءَ ۾ نہ جلائجو بيلي،
مون ان سرڳہ جي سُکہ
ماڻڻ لاءِ
جنم وٺڻ کان اڳہ ئي،
ڪيترين ئي ڏيئن کي
سونوگرافيءَ ڪانپوءِ
گرڀ ۾ ئي ماريو
تن زالن کي
ان لاءِ طلاق ڏنو
پُٽر رتن نہ ڏنائون
جي بجلي بنيءَ ۾ جلائيندا
پُٽ اگني ڪيئن ڏيندو؟
هاءِ! هاءِ!! مونکي
سرڳ نصيب نہ ٿيندو!!!

# سنڌيت بچايو

سنڌيت بچايو
سنڌيت بچايو
منهنجي تي
ڪو چٿي رهيو هو
ڪو ٻاڏائي، ڪو چلائي، ڪو روئي،
ڪو گنييرتا سان چٿي رهيو هو.
هڪڙي مهاشيہ، هڪ شخص کي
اسٽيج تي بيهاري چوڻ لڳو،
”ڏسو، هي سنڌي
ننڍڻ کان وٺي چوٽيءَ تائين
خالص سنڌي آهي.
هي مهان اِنسان
آمريڪا، هانگ ڪانگ، آسٽريليا
گھڻن ئي وديشي ملڪن ۾ وسيل،
ٽڙيل پکڙيل سنڌين کي،
سنڌي سيکاريندو آهي.
وديش ۾ سنڌيت جون سڪون لاهيندو آهي.“
پيڙ مان ڪنهن سُس پُس ڪئي
جا مون پُڌي ورتي
”ان ڪري تہ جهٽ پٽ،
ڪڪاپٽيءَ مان لڪاپٽي تي ويو آهي!“
اُن سُس پُس جو آواز
منهنجي تائين نہ پهتو.

پيڙ مان ڪي سڃڻ
اُن اُچي سنڌي صاحب
اُن ساه سان سانڍڻ واري
سنڌي سڃڻ جو ويجهو درشن ڪرڻ لاءِ
وينل اُٿي بيٺا، ڪي سنڄ طرف وڌڻ لڳا.....
تاڙين جو وسڪارو ٿيڻ لڳو.
وديش ۾ به سنڌي سيڪارڻ وارو
لقاءَ جي لائق هو.....
ڪير ڪنهن کي هار پائي رهيو هو
ڪير ڪنهن کي شال!
ڪير ڪنهن کي پاڪبر ۾ پري رهيو هو
فوٽوگرافر، پريس رپورٽر
ڊڪ ڊوڙ ڪري رهيا هئا.
اوچتو!
هڪ ڪرڙوڊ سنڌياڻي مائي
اسٽيج طرف، پيڙ ميڙ کي چيريندي
ڌوڪيندي ويئي
هٿ ۾ مائيڪ ڪنيل جون
واڇون ئي ٽڙي ويون.
مائيءَ کي مائيڪ ڏيندي چيائين،
”هن امڙ کي سنڌيت بابت،
سائينءَ بابت ڳالهائڻو آهي.
’امان چئه‘
”پائو، مان ۽ منهنجي گهر جا ڀاتي
سنڌي آهيون، اصل پڪا سنڌي.....

سنڌي ڳالهائيندا، لکندا پڙهندا آهيون
جهوليلعل شاهد آهي.
پر بيلي
منهنجو پٽار پرلوڪ پڌارجي ويو آهي
مونکي چار وڏيون نياڻيون آهن
شاديءَ لائق، چار سنڌي نياڻا ڳولهي ڏيو
چئن سنڌي ڇوڪرين جي
چئن سنڌي ڇوڪرن سان
شادي ڪرائي ڏيو.
موت ۾ ’ڏيب‘ ڏيڻ جو ستُ ڪونهي.
روٽي ڪپڙو جهڙو تهڙو،
پونگي ٻه ياڙي تي. اٿم.
پونگي سني پاڙي ۾ ڪونهي
آس پاس جا ڇورا
گهر ٻاهران، سيٽيون وڄائيندا
ڳجهن وانگر لامارا هڻن ٿا.
ننڍ.ئي ڦتي پيئي آهي
چئن جوان ڌيئرن جي ’نياڻي‘ ماءُ جو آهيان
مان پڪي اسٽئمپ پيپر تي لکي تي ڏيان
منهنجين نياڻين جا اينڊز ٻار
آئينده جا ابا، پڪ ئي پڪ سنڌي ڳالهائيندا،
سنڌي پڙهندا، سنڌي گيت ڳائيندا
سنڌي ناچ نچندا.
مان انهن کي سنڌي سيکاريندس.....
پر چار سنڌي نياڻا،

ان لاءِ ضروري آهن.``
منهن تي واءِ ويلا مچي ويئي
هڪ بانيڪار،
هن جي هٿ مان مائيڪ ڪسي ورتو.
هن کي منهن تان هٽائڻ جي،
ڪوشش ۾ جنبي ويا.
موقعي جو فائدو وٺي ٻيڙ بہ ڪسڪڻ لڳي
پاشڻ ڪانپوءِ
راشن يعني ڪاڌي جو بندوبست بہ هو.
سيني جي پيٽ ۾ ڪوئا ڊوڙن پيا.
ڪاڌي کائڻ وارن جي قطار وڌندي ويئي.
اُن سنڌي مائيءَ جي ڳالهہ ٻُڌڻ
پروگرام ۾ شامل نہ هو.....
هڪ ٻيڏي مائي، هڪ ڪنڊ مانِ اُٿي.
نياٹين جي ماءُ جي هٿ ۾،
پنهنجي نٿ رکي، ٻيڙ ۾ غائب ٿي ويئي
نياٹين جي امڙ
پوتيءَ سان ڳوڙها اُگهي
ڪاڌي کائڻ جي لائين ۾
وڃي بيٺي.
سنڌي سائين،
ٻيهن جي ڀاڄي
ڪڙهيءَ ۾ چانور جي
سواد جي ساراهہ ۾ مشغول هئا.

# اپاهج

اپاهج جڏهن کو ٿيندو آهي
شاريرڪ يا مانسڪ روپ ۾
هن جي درشٽيءِ، هن جي سرشٽيءِ
بدلجندي ويندي آهي.
جڏهن هو پاڻ ئي روڳي آهي
هرهڪ خيالات، هرهڪ سوچ ۾
سندس ئي پيدا ڪيل
روڳ هوندو آهي
جو ڦهلجندو ويندو آهي
پنهنجي ئي اهم کي اهميت ڏيندڙ
آس - پاس وارن کي،
دُکي ڪرڻ ۾،
آنند پائيندو
’اسُري آنند، راڪشسي آنند‘،
پيار ۽ پنهنجائپ کي تلانجليءِ
پنهنجي ئي من جي نرڪ ۾
وهم، ڦرنا، ڊپ، بدخيال
چوڌاري ڦهلائيندو ويندو
ڦهلائيندو ويندو.
پاڻ لُڇندو، بڪندو، وقلندو رهندو
من اپاهج بڻجڻ سان
وڻ، پن، ساوڪ، چنڊ-تارا
وڻ-گُل، جهرڻا

کيس بدصورت نظر ايندا
چنبڊ بيمار، ٽڪل،
ٻانهن ۾ ڪنهن کي ٻه
ياڪر ۾ پرڻ
پيار ڪرڻ جي آرزو ئي نه
هو پاڻ مُئل - مُئل،
ٽڪل - ٽڪل،
گهبڙايل - گهبڙايل،
مُنجهيل - مُنجهيل،
نراس - نراس،
نڪاري ويچار
ٻاهه لڳائيندو رهندو،
محبت جي بستين کي
هڪ ڪوڙائڻ آهي،
سندس هستيءَ ۾.

# اڄ جي رات

قهر واري رات آ اڄ
زلزلو اهڙو ٿيو آ
ڪنبي ويا آهن، هي زمين آسمان
نديءَ جي اونچائي ڇُهي رهي آ
وٽن جي چوٽيءَ کي ڪٽي
گهر زمين دوز ٿي رهيا آهن ڪٽي
پٽڪيل پٽڪيل اُهي سڀ جيوَ
ٻچيل، ڪنبندڙ، ڀڄندڙ موٽ ڪان
ڊٻجي مري ويا، ڪئين خاڪ ٿي ويا
هراس ۾، گونگا ٻوڙا ٿي ويا ڪئين
ڪير ؟؟؟ ڪير ؟؟؟
ڪريلن، جليلن، گهبرايلن، بد حواسن کي
حوصلو بخشي ؟
اُٿي نه سگهيا ڪي نه چلايائون
دفن ٿي ويا، ڪئين اُتي جو اُتي
اڄ جي رات سهميل، زلزلي کان ڏڪيل
رنل، ستايل، مٺل آ پاڻ
اهڙي ڀيانڪ، بدصورت رات جو
مان اڪيلو چشم ديد گواهه
صرف اڪيلو هڪ !

# ڳول روٽيءَ جو گهيرو

هٿ ۾ روٽيءَ جو ٽڪر ملڻ،
بہ رشڪ آ ڪنهن لاءِ
ان ڳول روٽيءَ جي گهيري ۾
ڪيترائي ناهہ ڪيا هن.
هن ڪيتريون ئي سزائون ڀوڳيون
نہ ڪيل گناهن جون هن
هن ڪيترن اُمنگن، اُتساهن
انسنن، اُڏامن، خوبين کي پوريو
اڻ ڏٺل قبر ۾، پنهنجن ئي هٿن سان.
هاڻ، هوءَ ٻاغي ٻڻجي پيئي آهي.
هوءَ اُنهن هٿن کي اُکوڙيندي
جي ڪانئس ڪجهہ کسين ٿا
هوءَ اُنهن پيرن کي وڍيندي
جن، هن کي چيپاٽيو.
جن بہ هُن کي 'جهُڪايو' - روئاريو، ڊٻايو،
ستايو، ڏڪايو، هيسايو،
اُنهن کي هوءَ، هوءَ، هوءَ؛
اهو سوچي ئي رهي هئي تہ......
هڪ آواز ڪنگهندي ڪنگهندي، سهڪندي آيو،
"ٻڌين ٿي، گهرواري!
ڪير واري ۽ پساري،
وڌيڪ قرض ڏيڻ کان انڪار ڪيو آ.
سڀ کان ننڍو، بکہ ۾ ساٽو ٿي،

سمهي پيو آهي.
الائي ننڊ اٿس، الائي بيهوش آهي.
مان تہ اپاهج .....
هن پنهنجن پاتين جا چهرا،
ايتري قدر جو چٽين پٽين کي بہ،
ساڻو ٿيندي ڏٺو.
هُن ائين محسوس ڪيو تہ
هن جا چار،
هن جا اٺ هٿ ٿي ويا آهن.
هڪ هٿ ۾ ڪتاب
ٻيو هٿ سُئيءَ جي مشين تي
چُرخيءَ سان پاڇيون وڍيندي، وڍيندي
ڪلپنا ۾ ڪپيندي رهي اُنهن جا ڪنڌ ۽ ڪلها
جن هن کي هيسايو، دٻايو، روئاريو
هوءَ ڪم ڪندي رهي
پنهنجون لياقتون وڌائيندي رهي
شانت گنڀير، بنا شڪوي، شڪايت جي
ڪرم يوڳڻي بڻجي ويئي هوءَ.
همٿ وارن هٿن سان ڪرم ڪندو رهڻ،
هاڻ! هن کي ڪنهن سان بہ شڪايت ڪانهي.
وساري ۽ معاف ڪري چڪي آ سڀن جون حرڪتون.
گند ۽ گپ کان ٻاهر نڪتل
ڪنهن بہ غير واجب ناتي کانسواءِ
آهي اهو هڪ غيرتمند
صاف، پوتر روئيءَ جو گهيرو.

# آرتوار

آرتوار اُهو،
جو ڇهن ڏينهن ڪانپوءِ
ايندو آهي.
پرڀات جي تڏڙي هير ڪانپوءِ
پکين جي منڙين،
لاتين ڪانپوءِ
اُس اچڻ،
ڏينهن تپڻ تائين
ننڊپڻ جي ننڊ،
ڪُڏ تي سمهندو رهڻ
ساهيڙين جي سڏڻ تي جاڳڻ
پڙهڻ، گهُمڻ، سُمهڻ
کيڏڻ ۽ ڪائڻ ۽ ڳائڻ
آلسِي اُس ۽ ڇانو پريو آرتوار
آرتوار .....
مستيِ ۽ مدهوشيءَ ڀري عمر وارو
ڪُڏ تپي،
ڪن جو، هِن سان ڳڏجڻ
شرمايل گهبرايل
اُتسڪتا ۽ اُتساه ڀريل
پگهريل من، تن، هٿن سان
جنهن هٿ ڪي ڪن ڇُهيو
سڄِي رات.

اُن پنهنجي ئي هٿ کي
چُمڻ ۽ پيار ڪرڻ
آرتوار .....
ماڪيءَ ڪان منڙي،
مِنيءَ جو يادگار
ٻريل ٽانڊي، نرم ٻوُر جو ڳڀاءُ
مرڻ گهڙيءَ تائين
سات نباهڻ،
جا قسم کائڻ وارو
آرتوار .....
آرتوار
بي بسي سُڏڪا، اوچنگارون
من ميت سان
وڇوڙي جو ڏنگ
اڻ سڃاتل اجنبيءَ جو سنگُ
ست ڦيرا
ڪجهه منتر
هڪ ويڍي.
نيم بيهوشيءَ واري حالت،
ٽڪل انگ،
لٽل منهن جو رنگ
ٻاڙهي، ساڙهي، پيلو سون،
من ۾ اُمنگ ڪوبه ڪون.
آرتوار .....
نؤڪري ڪان هڪ
مختلف ڪم وارو ڏينهن

ٿي بار
گهر ويهي سنوار
ٻِنَ کي پُچڪار، ٽُن کي مار.
مالي، بدني، ذهني
ٿڪاوٽ ئي ٿڪاوٽ.
نہ ختم ٿيندڙ ڪم ئي ڪم
نہ اُتساھ، نہ غم
اُف! شريمان جي،
بارن جو پيءُ
ڇهن ڏينهن کانپوءِ
گهر مان ڪسڪي ويو
شريمان لاءِ آيل
هڪ عيش پريو آرتوار.
آرتوار هڪ گرم ساھ
آرتوار هڪ ٿڌو شوڪارو
آرتوار هڪ وڏيل ٿڪاوٽ
آرتوار گڏجاڻي، مسجڻ ۽ بناوٽ
آرتوار هڪ نقلي مُسڪراهٽ
آرتوار
هڪ مشاعرو، هڪ سميلن
آرتوار هڪ يوگا ڪلاس
آرتوار
سومر صبح تائين.....
پتار جو انتظار.....

# هڪُ احساس

اڄ، ائين محسوس پيو ٿئي
مان هڪ برفيلي، سڀ کان اوچي
پهاڙي چوٽي آهيان
جا پنهنجيءَ بُلنديءَ کي ڏسي
ڪپڙن ۾ نٿي ماپان.
پر ڪنهن به يُگ ۾ جنهن کي
ڪنهن به، انسان جي
چرن سپرش نه ڪيو هُجي، جو اهليا بڻجان.
مُڪتي ملي منهنجي اهم کي.
اڄ ..... ائين محسوس پيو ٿئي
مان اهڙو ماڪ ڦڙو آهيان،
جو وڻن، ٽڻن، گاهن، گُلن تي چمڪندو، ڀڪندو،
سونهن سوڀيا وڌائيندو رهيو
اکين جي پياس بجاهيندو رهيو.
پر، ڪنهن اُجايل، رُنايل
جي پياس مٽائي نه سگهيس
اڄ ..... ائين محسوس پيو ٿئي
مان رهبر نه بڻيس، منزل جو ڏس به ڏنم
پر، رستن جا ڪنڊا، پٿر، انڌڪار
طوفان، تڪليفون، ٻُک، ڏُک
ورهائي نه سگهيس پانڌيئڙن سان.

# سوالن جا جواب

تون ؟
ڪيستائين
واريءَ جا گهر اڏيندي رهندينءَ ؟
گهر واريءَ جا !!
جي پل - پل ۾،
پُرندا، ٽُٽندا، پکڙجي، ڦهلجي ويندا،
وري واريءَ ۾.
معلوم آ توکي سڀ ڪجهه.....
تِن سِرُن، ڪجهه پٿرُن، توري ڇت
وارو گهرڙو ڇو نه ٿي ناهين ؟
ڇا ويٺي پٽڪين ؟؟
تون سِرُن، ڇت، پٿ،
وارو گهرڙو ناهيندي ناهيندي
پُل مان وري - وري
ٿي وڃي، واريءَ ۾ ويهي رهين.
۽ اڻ ڄاڻائپ ۾،
وري واريءَ جو گهر اڏي ٿي ويهين.
هيءَ تنهنجي پُل آهي يا عادت ؟
ڪنهن تي الزام ٿي مڙهين ؟
ڀڳوان ؟ قسمت ؟ دوست/ساهيڙيون ؟
لوڪ ؟ سماج ؟؟ مائٽ ؟
ڇا هُنن جو ڏوهه آهي ؟
ڇا ڪنهن جي سازش آهي ؟

يا
تون خود ئي پنھنجو ’پاڻ‘ جي
دُشمن بڻجي پيئي آھين ؟
اندر ۾ جھاتي پاءِ
شايد !! نہ پڪ ئي پڪ
تنھنجن سيني سوالن جا جواب
توکي، تنھنجي اندر
پنھنجي انتر آتما ۾ ئي لڀجي پوندا
ھا !
ضرور
تنھنجن سوالن جا جواب،
تنھنجين غلطين جا حل،
ضرور تو وٽ ئي آھن
مُکت ٿي وڃ
ھن دُھراو ڪان .....
انھن سوالن جا جواب ڳولھي وٺ .....
مُکت ٿي وڃ ھميشه لاءِ
پنھنجي ئي رچيل ڪنھن چڪرويوه مان .....

# خطرناڪ پراڻي

ترقي، لڇي، وقلجي
ماڻي، پوڄي، حاصل ڪري
ترپت ٿي
’تؤ ڪتا‘ ڪري،
تياڳيو آ جنهن سنسار کي
اُن انسان جي نيت ڪان
ڪنبڻ نہ گهرجي.
هن جو من،
ماياوي پدارٿن ڪان،
ورچجي ويو آهي.
’سچ‘ کي سچائي
اچائن ۾
هن جو ڪو موہ نہ رهيو آهي
هن جو من،
نہ ڪنهن ۾ اٽڪيل
نہ ڪنهن ۾ پٽڪيل.
قوڳ، توڪاريو اٿائين
ڪمند چوسي.
هن جي تياڳ ۾ ترپتي آ
اُن سنياسيءَ کي، تپسويءَ کي
وار - وار پرڻام.....
پر.....
اچائن روپي نانگن سان وڪوڙيل،

ڪجهہ پائڻ لاءِ،
بي چئن،
ٻاهران نہ، نہ.
اندر ۾ ها، ها.
اُڃ، رُڃ ۽ سُڃ
جنهن جي جيون ۾
شخصي آزمودن،
۽
احسان ڪان وانجهيل
اُن انسان جو تياڳہ!!
سوال آهي!!
جنهن ڪجهہ حاصل ئِي نہ ڪيو آ
تہ،
تياڳہ ڪندو ڇا؟
پريم کي ڄاتو سڃاتو،
پاتو ئِي نہ تہ
پيار ونڊيندو ڪيئن؟
سُڃو..... بڪارِي.....
اُن تياڳِي، سنياسِي، تپسويءَ ڪان
پپل جي پن وانگر
ڏڪڻ گھرجي
ڇاڪاڻ تہ هوُ
هڪ
خطرناڪ پراڻِي
آهي.

# عشق کان محروم

سنڌ جي سائي سبز
روماني ڌرتيءَ تي ڄاول
هڪ نياڻي ’سهڻي‘
هند جي ڌرتيءَ تي
ننڍي هوندي کان ئي
پنهنجي وڇڙيل ميهار کي،
تلاشيندي رهي.
هُن جون پتڪيل نگاهون،
پنهنجي آتما جي اڌ حصي کي،
ڳولهڻ لاءِ، هيون بي تاب.
جنهن عمر ۾ هوءَ پنهنجي وڇڙيل
محبوب کي تلاشي رهي هئي،
اُن عمر ۾،
سهڻيءَ جو ميهار،
هير جو رانجهو،
ليلا جو مجنوُ،
سسئيءَ جو پُنهوُن
پئسا پيدا ڪرڻ جون مشينون
بڻجي چڪا هئا.
ڌرتيءَ ڌڪاڻيل
روٽي، ڪپڙي، مڪان کان اڳتي
غريبيءَ جي ڳار کان بچڻ لاءِ،
پئسي سان، آرام آسائش خريدڻ ۾ مصروف،

سندن عشق، سندن معشوق هئو.....
پئسو، پئسو، پئسو
۽ وڏيڪ پئسو ڪمائڻ.
اُها ساهسي سُهڻي درياه ۾ نہ ٻُڏي سگهي
ميهار ڪانسواءِ
اڪيليءَ سهڻيءَ کي،
درياه شاه دادلي بہ نہ سويڪاريو،
۽ هِنَ سُهڻيءَ آخر ڪنهن،
ميهار جي عڪس کي اپنائي ڇڏيو.
حالات سان ناهُہ ڪيو.
سال گذريا، مُندون موٽيون،
ڍڳہ پئسا، ڍڳہ ناٽا ڪمائي،
ميهار موٽيو،
مجنو، پُنهوُن ۽ رانجهل بہ
پنهنجين وڇڙيل محبوبائن کي
ڳولهڻ لڳا.
ڪوڪلي آواز سان سڏڻ لڳا.
مگر .....
سندن سڏن جو، پڙاڏو نہ آيو.
خالي خالي نگاهن سان،
پنهنجون پاڙون ڦولهڻ لڳا.
ڌرتيءَ کي ياد ڪرڻ لڳا.
تڏا شوڪارا پرڻ لڳا.
عشق جا نغما ڳائڻ لڳا.
آئيني ۽ عمر کي، جپ ڏيکاري،

ويچارا ڏيئي،
ابا، ڏاڏا، نانا ڄاڻ، عاشق .....
اميون، ڏاڏيون ۽ نانيون، محبوبائون
وارث اڳيان شرمندا
وارث ؟؟؟
پئسن ڪمائڻ جون مشينون
جا سڪيا، سندن ابن ڏني
وري ڌهرائيندا
اتهاس غلطين جو.
ابا، ڏاڏا ۽ نانا بڻجي،
هڪ پتيل پاراتو بڻجي،
ڏرتيءَ ڏڪاڙيل
هڪ قوم جا وارث
شاه جي سورمن ۽ سورمين کان
بلڪل مختلف .....
عشق کان محروم
روبو(ت) !!
پئسن ڪمائڻ جون مشينون .....
پنهنجن سنسڪارن ۽ سيتا کان وانجهيل
ڪروڙپتي
پر بکاري،
عشق
کان
محروم.

# تُنهنجا پنهنجا

تون ڪيترين ئي
ڳجهن جي حملي ڪان،
بچي نڪتيئن.
تون ڪيترن ئي
لومڙن جي بڪ تيڻ ڪان،
بچي ويئين.
۽ توکي .....
سُڌ به نه پيئي،
توکي اُها به سُڌ نه پيئي،
ته شطرنج جي بازيءَ جو،
هڪ مُهرو بڻجندي - بڻجندي
به تون هڪ مُهرو نه بڻيئن
اهو سڀ،
توسان ئي، ڇو ٿي رهيو آ ؟
اها ازغئبي
غيب جي بچاوَ جي ڍال
توکي ڪنهن عطا ڪئي آهي ؟
ڇا تون، انهن هٿن کي نٿي ڄاڻين ؟
ڇا تون اُنهن هٿن کي نٿي سڃاڻين ؟
اڙي ياڻي !!
اُهي تنهنجا پنهنجا ئي هٿ آهن.

# هلندي هلندي

هلندي هلندي ائين محسوس ٿيو
ڪائنات جي هر چيز ڄڻ تہ رُڪجي ويئي.
منهنجي پيرن هيٺان ڍڳہ جا ڍڳہ برف
جا جميل هئي، رجي ويئي.....
هلڪي ويٽا جي جهنڪار ڪٿي وڄڻ لڳي
هر قدم ائين ڪڇيو، شِوَ ڄڻ لاسيہ نرتيہ ڪيو.
هر آواز..... ڏيمي - ڏيمي
ساهہ جو ڪڇڻ
پنن جي ڪڙ - ڪڙ
دل جي ڌڪ - ڌڪ
ندين جي جهر - جهر
ڪانون جي ڪان - ڪان
جهرڪين جي چون - چون
چپاڪ !!
نديءَ جي پاڻيءَ ۾، ڪنهن پٿر ڦٽو ڪيو
هيليڪاپٽرن جي پرن جي ڦڙ - ڦڙ
هڪ گهرو نشو ماحول ۾، خاموشيءَ جو نشو.
منهنجو اڱڻ گُلن سان سڄيو،
فضا ۾ ڪا چوڙي ڪنڪي.
پايل رُن جهن - رُن جهن ڇنڪي
اڱ سڄاتل هٿن جي مهندي مهڪي!
انبن جي ٻور جي خوشبو نس نس ۾ مدهوشي
منهنجي من جي ڪوئل، ڪوتا جي روپ ۾ چهڪي.

# رشتن جي پُل

ٻڍو، بزرگ، هڪ ٻڙ جو وڻ
اسان جي ڪٽنب لاءِ، هڪ جهونو يادگار
ڪن پيارن پلن جو
مان، منهنجو ابو، منهنجو ڏاڏو
۽ هاڻ، منهنجا پٽ، پوٽا
هن جي لنبي ڏاڙهي پڪڙي،
جهولا جهوليندا هئاسين.
اڪثر هن جي ڇانو ۾
پڙهندا، لکندا ۽ سمهندا هئاسين.
اڪر ٻوٽ راند ڪندا رهندا هئاسين.
پڙهي اخبار ۾ هڪ خبر .....
هن ايراضيءَ جا سڀ وڻ ڪيرايا ويندا.
هڪ پُل اُتي جوڙي ويندي.
اسانجي ابن، ڏاڏن جي،
بزرگ هڪ رشتي جي
املهه پُل ڊاهي ويندي
ڪنهن منحوس پل ۾.
ڪنهن وڏي سرڪاري ٽيبل تي
چؤڌاري وينل، چند ماڻهن جي هٿان
جن هٿن ڪن، ڪاغذن تي صحيون ڪري،
هي فيصلو رهڙي ورتو.
ٻڍي وشال، يادگار ٻڙ جي وڻ جي،
ڪيرائڻ جو.

# وجوُد

ساگر جي گونج سُٺي لهرون سهمي اُٿيون
سِرُ ٽڪرائي ساحل سان ڪجهه للڪاري موٽيون.
لهرن جا داوَ پيچ انيڪ
ڇڪي، لوڏي، اُڇلي، جهٽي
اُن ڇڪتاڻ ۾ وجوُد ڇو وڃي ٿو؟
سوچيندي، شايد ڪو هڪ پل،
هڪ پل کان الڳ هجي.
جو پُل مان بہ ڪوئي ڪرڻ نٿو ڏي
اُن بدليل هڪ پل جو،
سواد چکڻ نٿو ڏي.
پاڳل متوالين لهرن کي تہ عادت آهي
ڇڪڻ، جڪڙڻ، ڇڏڻ، لوڏڻ،
ان پڪوڙيندڙن لهرن جي،
پاڪر ۾ ڇو ڪوئي پرجي ٿو وڃي.
انهن مٺي قڙيل لهرن ۾،
پلا ڇو ڪوئي ڦاسي ٿو وڃي؟
شايد ڪو انوکو آزمودو
حاصل ڪرڻ جي موه ۾
پنهنجي ئي وجود کي
ڇتائي ٿو ڪوئي،
پيسائي ٿو ڪوئي.
انهن مست ملنگ لهرن کان،
انهن مست ملنگ لهرن کان.

# سرگوشي

تو کا، سرگوشي ڪئي ساتِي !
منھنجو سمورو وجُود
لرزي اُٿيو.
جنم کان وٺي،
ڪن سنسڪارن، آدرشن، مُلهن
جي نوڙيءَ تي،
ڪلابازيون ڪائيندڙ مان
ڪنھن چڪرويوھ ۾ ڦاٿل آھيان.
ڇرڪيس، ڏڏيس، لرزيس
زور سان رڙ ڪيم
منھنجو واڪو
ڪوڪلو ھو.....
’نہ‘.....
پڙاڏو گونجيو
’نہ‘.....
ٻيلي
اھا سرگوشي
مون بدبخت،
لاءِ ’نہ‘ آھي.

# برادري

اسين توکي سڃاڻون، توکي سڃاڻون
سُر تال سان گونجيل اکر ٻُڌي
وديشي ترين جي دريءَ مان
ليئو پائي، ٻاهر نهاريم
آڪاش، ڌرتي، وڻ پن، گُل ۽ جهرڻا
تيز رفتار سان هلندڙ ترين
جي سُرَ سان سُر ملائي سڀ ڳائي رهيا هئا
اسين توکي سڃاڻون.
مان هن ڌرتيءَ تي پهريون دفعو
قدم رکي رهي آهيان.....
ڪيئن سڃاڻو؟ ڪيئن سڃاڻو؟
تنهنجو پيار ۽ پنهنجائپ
اُتان جي زمين جي هير کڻي آئي
پيغام تارن ۽ چنڊ ڏنو، گُل، پن، وڻ، آڪاش
جي هڪ ئي برادريءَ جا آهن
قادر ۽ قدرت جا اي ’شبنم‘!
اسين توکي سڃاڻون، توکي سڃاڻون.
چرندڙ ترين جي، چرندڙ دريءَ منجهان هٿ ڪڍي
سڄيءَ ساوڪ ۽ شادابيءَ کي
قدرت جي برادريءَ کي مون ڪيڪاريو ۽ داد ڏنو
جنهن جي هڪ حصي، هڪ برادريءَ
هئڻ جي احساس ’شبنم‘ کي مڪمل بڻايو.

# تصوري ڪمزوريون

تون هي ڪري سگهين ٿو،
تون هو ڪري سگهين ٿو،
ثابت ڪري ڏيکاريو تو
هر نظرئي سان آتم وشواس جو،
اوچو منارو ۽ چٽان بڻجي پڻ،
ڏيکاريو تو،
زبان سان .....
مان تنهنجين تعريفن جون پُليون
ٻڌندي رهيس
تنهنجي آتم وشواس جي لاٽ کي،
سلامت رکي، ٻاريندي رهيس.
تنهنجي هر ڏک ۾ ڏکي
تنهنجي هر ننڍي سُک ۾
ڏيهن، ڍير خوشيون احساسيندي رهيس.
لڳ ڀڳ ’جي حضور‘ بڻجي ويس
تنهنجي ها ۾ ها ملائيندي.
هڪ اوسيڙو آ مونکي، ڪڏهن تون،
سچ پچ جي حقيقت واري
خود اعتباريءَ واري زندگي جيئڻ لڳندين ؟
بنا ڪنهن سهاري جي
۽ ..... جڏهن، ڪڏهن به تون،
پنهنجين ئي ڪمزورين
تصوري ڪمزورين مان نڪري،

پنهنجي حُسن جي نظرن ڏانهن نهاري،
بنا ڪنهن ڪارڻ ناه ڪرڻ،
بند ڪري ڇڏيندي
اُن پل جي انتظار ۾
منهنجا ساهه رُڪيل آهن
هن تڪل جسم ۾، ٽڪائي رکيو آهي
پنهنجين اکين جي چمڪ کي
جاڳائي رکيو آهي،
پنهنجن لمحن جي مهڪ کي
سجائي رکيو آهي.
سنڀالي رکيل آهن، پوکي رکيا آهن،
ڪجهه چند خواب
تنهنجي ئي،
مُڪمل وجُود کي ڏسڻ جا.

# ديوار

اسين هڪ ٻئي جي ويجهو
تمام ويجهو هوندا آهيون
ڪڏهن، ڪڏهن
تنهنجي ساهن کي
به
مان ڇُهي سگهندي آهيان
جڏهن مان منجهيل
ٿڪل، اُداس
زندگيءَ کان
منهن موڙيل هجان
تڏهن، مان پنهنجي نرڙ تي
تنهنجي
هٿ جو ڇُهاءُ طلبيان
يا تنهنجيءَ دل جي ويجهو
اچڻ چاهيان،
هڪ سخت، ٿڌي
شفاف ديوار
ڪِڇِي وچي
اسان ٻنهي جي وچ ۾
۽
ختم ٿي وڃي
گرمائش ۽ پيار.

# رشتا

اسان ٻنهي جي وچ ۾ جو آ
اڄ ان کي ڪو نانءُ نہ ڏيون
جو هن لمحي ۾ ڏڙڪي ٿو
ان جي نانءُ، هڪ شام ٿي ڏيون.

هن اڻ ڄاتل پلن ۾
دماغ کان ڪو ڪم نہ وٺون
دل ٿي دل ٻڌجي پئون
سوچڻ کي ڪا قيمت نہ ڏيون.

اسان رشتن کي پڪڙي
ڪيترا جڪڙجي ٿا پئون
ستيم شوم سندرم کي
نٿا سگهون پڪڙي مُٺ ۾

رشتن جي جنم وٺڻ کانپوءِ
رشتن جي ٻيک مڱندا وتون
پيار جا قسم کائيندا وتون
بار-بار ڪوڙ دُهرائيندا وتون.

جنم کان مرڻ تائين
رشتا وڌندا ٿي رهندا
جيئن هڪ پد يا لقب
ڪمائيندا وتون، اداڪاري نڀائيندا وتون.

تون جو بہ آهين
هڪ فريم ۾ جڙيل
بس هڪ رشتو آهين
هڪ انچ هتي نہ هُتي
گهُٽجندو، سڏڪندو، سُسندو
روئندو، ٻاڏائيندو، ڇيخندو
گهميل، ٻانسيِ، پاروٿو
هڪ ئيِ ٻوساٽيل رشتو.
جڙيل ئيِ رهندا آهن
اسانجا پنهنجا گهر
رشتن جي ڪوڪلي سِرُن سان
هن جو رشتو بس هُن سان.
هن جو هٿ بس هن سان
شرين جي وهڪرن سان
پيدا ٿيل غيرجدباتيِ رشتو
وڌندڙ ويجهندڙ
ناجائز پٽيل پاراٿو رشتو
حق ٻٽجيِ ويندو
سالن ۾ ڳٽيو ويندو
هي هِن جو، هوُ هن جو
وارو حرفَ جر وارو رشتو
هڪ ئيِ ڇت جي هيٺان رهندا
سڙندا، ڳڙندا، لڙندا، مرندا
ڇُري نہ سگهندا، سُسندا ويندا

ننڍا ٽينڊا ويندا، ڪنهن ڏينهن
هيءُ موهه وارا مطلب وارا رشتا
ڪجهه منا
ڪجهه رشتا پوتر وڻندڙ
آڪاش وت، پرڪاش تتو
چوڙين جي ڪنڪ،
پايل جي چنڪ،
جهرڪين جي چهڪ،
مهنديءَ جي مهڪ،
اهڙا رشتا منا مهڪندا
هڪ ٻئي ڪان اُميد نه رکندڙ
ڪومل، متوارا، پيارا، دلارا
اهڙا رشتا ڪڏهن نه سُسندا،
ڪڏهن نه مرندا.

# واپس ورندا

منهنجو من رتورت گهايل - گهايل
ٽيندو پيو وڃي
پنهنجي ارد گرد پنهنجن ئي
پيارن شخصن کي پشچم جي سڀيتا جو
انڌو نقل ڪندو ڏسي
مون تمام آشا ۽ وشواس سان ٻچ ڇتيا هنن ۾
ڀارتيہ سنسڪارن جا.
هڪ ڏينهن، هو چراغ ٻٽجي
اونده ۾ ڀٽڪيل، اڏ هندستانين کي رستو ڏيکارين
جوان جي گمراه ٿي واپس ورڻ نٿا چاهين،
پنهنجي ئي وطن ۾،
پنهنجن ئي ابن امين وٽ،
منهنجن پنهنجن دوستن واعدو ڪيو،
هُو اُنهن ڀنييل نوجوانن کي واپس وٺي ايندا.
پر ..... افسوس ! هُو بہ .....
اسان مٿان اڌ صديءَ کان مٿي
راڄ ڪيل قومن جا،
ذهني طور غلام ٻٽجي پيا
۽ غلاميءَ جا پٽا پاتائون، پنهنجين ٻچين ۾،
خود پنهنجن هٿن سان
ڇا هيءُ بدلاءُ عارضي آهي ؟
ڇا هي ..... ڪارا بادل
وٿڙجي ويندا ؟

ها ! ضرور ائين ئي ٿيندو
سون، سون ئي ٿيندو آهي
ڪنهن به باه مان تپي
چمڪندو ۽ چمڪندو، سچو سون
مُنهنجو پنهنجو آتم وشواس
واپس آڻيندو، اُنهن کي جي پڇرين ويا ۽
بيا جي، ڪين واپس ورائڻ لاءِ ويا.
منهنجيءَ دل جي صداقت ۽ متيءَ جي مهڪ
ڇڪي آڻيندي، اُنهن سين کي
پنهنجيون گهرجون گهٽائي،
پنهنجا مُلهه سڃاڻي
جيڪو سورهن آنا سچ آهي
اُن سچ جي سورج کي
ڪيستائين ڍڪي سگهندا ؟
ضرور هوُ
پنهنجيءَ متيءَ ۾
واپس ورندا
منهنجي وطن جي
متيءَ جي مهڪ
ضرور ڪين واپس ورائيندي.

# اُداس تون

تارا .....
گڏجي روئندا آهن
جڏهن بہ تون اُداس هوندي آهين.
چنڊ .....
’شبنم‘ روپي آنسون وهائيندو آ
جڏهن بہ تون اُداس هوندي آهين.
لهرون .....
مچلجي، متو پڇنديون آهن
جڏهن بہ تون اُداس هوندي آهين.
گُل .....
جهر - جهر وڻن مان ڪرندا آهن
جڏهن بہ تون اُداس هوندي آهين.
بادل .....
ڪنڌ رکي آڪاش جي سيني تي روئندا آهن
جڏهن بہ تون اُداس هوندي آهين.
جهرڻو .....
ڪجهہ گجندو، اُلجهندو آهي
جڏهن بہ تون اُداس هوندي آهين.

# ذرتيءَ جي ڪشش

تون ڇا ڳولهڻ ٿي چاهين ؟
تون ڇا سوچڻ ٿي چاهين ؟
رولاڪ ٻڌجي پيئي آهي تنهنجي سوچ
ڪولمبس ٻڌجي پيئي آهين
تون اڄ ڪالهه.....
نيوٽن ڇو نه ٿي ٻڌجين ؟
هو حقيقت پرست هو
هن کي پڪ هئي
هن کي ڇا ڳولهڻو آهي.
پنهنجي تز منزل
پنهنجو مقصد
۽ اُتي پهچڻ لاءِ تُز وات به.
تنهنجو مقصد
تنهنجي منزل ۽ وات ؟
تو لاءِ ئي هڪ سوال آهي
ته ڪڏهن هن راه تي،
ته ڪڏهن ھُن راه تي.
گلي گلي، بستي بستي،
ڪٿي دل تي بارُ بارُ
ڏنڌليل، دونهاٽيل، تنهنجيون اکڙيون
ڏنڌ آ تنهنجي سوچ ۽ ويچارن ۾
ڪجهه به صاف صاف نه
هيءَ بچتائي،

هيءَ اُلجهن،
هيءُ يتڪڻ،
رولاڪ ٻڌجي پيئي آهي تنهنجي سوچ
ڪولمبس ٻڌجي پيئي آهين
تون اڄ ڪالهه.....
نيوٽن ڇو نه ٿي ٻڌجين ؟
ڌرتي جا گول آهي
اُن ۾ ڪشش ثقل جو قاعدو لاڳو آهي
جنهن ڪري ڌرتيءَ تي
هر شيءِ ڪُتل آهي
جنهن ۾ هڪ توازن آهي
اُن ڪشش کي
سمجهڻ ۽ ثابت ڪرڻ لاءِ
داوُ لڳاءِ تون به
هڪ جنم سڪيارٿو ڪري ڇڏ.
ڪجهه ڏي جڳهه کي
پنهنجن پوين کي
ڌرتيءَ جي ڪشش کي سمجهه
۽ سمجهاءِ
پيرن کي کُپائڻ لاءِ
هڪ حقيقي ڌرتيءَ جو هئڻ
۽ سندس ڪشش ثقل هئڻ
لازمي آهي.

# بارش

بارش تي ڪوتا لکي هئي،
شرنگارڪ هئي، پوئين سال،
هاڻ، آتما جون ٻاليون انيؤ ڪري
اڳلي ڪوتا جا پنا، ڦاڙڻ ويٺي آهيان.

ڪروڌ، موه، اهنڪار،
سوارٿ جي بارش ڏني
اڇا چنتائن جي بارش به ڏني،
انهن سيني بارشن جي جهلڪ،
سڪي، توکي ڏيکارڻ ويٺي آهيان.
رم جهم وسندر اوم جي ڌُن
اهم برهم اسمي جو ناد سُٽي
پنهنجي ئي جيءُ ۾ رُئل
رب کي منائڻ ويٺي آهيان.
پنن جي ڪنڪ، بارش جي جهنڪ،
مهنديءَ جي مهڪ، بُلبُل جي چهڪ،
انهن ڪنڪڻ، جهنڪڻ،مهڪڻ کي
ڪاغذ تي اوتارڻ مان ويٺي آهيان.
هيءَ بارش، پوتر گيان جي آ،
سماڌي اوستا ۾ ڌيان جي آ،
انهن پيارن، سوکيم انيؤن کي
’شبنم‘ توکي ڀڏائڻ ويٺي آهيان.

# اُلو

چانهہ جي پيالن جي کنک ۾
ديسي وديشي عطر جي مهک ۾
ڪتي بيئر جي بوتلن کي ٽڪرائي
چيئراپ ڪندي
ڪنهن ٻُڍي، دکہ ڳاڍڙ آواز ۾ آکيو
’ڪارگل ۾ ڏسو ڇا ٿي رهيو آهي؟‘
هن چپن کي لپسٽک لڳائيندي،
ننڍڙي آئيني ۾ ميڪ اپ ٺيک
ڪندي چيو،
”هيءُ سڄو مهنو مان بيوٽي پارلر
نہ ويجي، پئسا بچائي،
ڪارگل جي جوانن لاءِ ڊونيشن
موڪليندس.“
بيءَ چيو،
”مان اڄ کان وٺي،
سڄو مهنو بيئر نہ پيئندس،
بيئر جون بوتلون،
سرحد تي جوانن کي موڪليندس.
آخر تن ۽ من جي،
زخمن کي وسارڻ لاءِ
هُنن کي بہ بيئر جي ضرورت آهي.“
ٽيئن چيو،
”مان پنهنجا قيمتي، سُنا اوني ڪپڙا،

۽ گهوٽ ۽ پُٽ جا ڪجهہ ڪپڙا،
ڪمبل وغيره موڪليندس``
ڇوٿيئن چيو،
''مان پنهنجا ڪمبل شالون``
پنجيئن چيو،
''پنهنجي بچت وارا پئسا``
ڇهينءَ چيو،
''جوانن جو همت، حوصلو وڌائڻ لاءِ،
پنهنجا لکيل گيت، غزل وايون``
ستيئن چيو،
''جگجيت سنگهہ جا ڪئسيٽ،
جي ڪيترن سالن کان مون ساه سان
سانڍي رکيا آهن.``
اُن مان هڪ پڇيو .....
''پر ڇا،
اسانجيون ڪيل قربانيون
اُنهن تائين پهچنديون،
يا
وچ وارا
هتي بہ
پاڻ ۾ ونڊي ورهائي کائيندا،
۽ وري اسان کي اُلو بڻائيندا ؟؟؟

# پل بہ پل

وسندڙ، جلندڙ، تڙقندڙ
ڳڻجندڙ، وڇڙندڙ، سُڏڪندڙ
هي تنهنجا - منهنجا
هن جا، ڪُن جا قيمتي پل بہ پل.
هي پل بہ پل،
آرام سان ڪٽجي وڃن،
اسان جا غم ۽ پيار ونڊجي وڃن.
اسانجي پوست ٽوري گهٽجي وڃي.
هي پل بہ پل
حقيقتن کان رهون پري
هڪ ٻئي جي دل ۾ محبت ڀري،
پل پل نہ مرون
اچ ڳڻجي مسجي ڪجهہ ڪريون
تون آءُ، اسين ٻئي، هڪ ٻئي کي سڃاڻون
هڪ پل لاءِ ئي سهي
هڪ ٻئي جي آتما کي جاڻون
هي پل بہ پل.
ترندڙ بدڪون،
ڪملن سان ڀريل ڍنڍن ۾
بيابان ۾ ڪو، خيابان احساسيون
بس، ساٿي !
هيءُ املهہ پل بہ پل.

# پٽيل پاراتو

تون هڪ ’سراپ‘
تون هڪ ’پٽيل پاراتو‘
هرگز نہ آهين.
پٽيل اُهي هٿ آهن،
جي اُنهن هٿن کان
ڪُڌا ڪرتوت ڪرائيندڙ،
مهاڀارت جي ٻلوان
ڪَرڻَ کي،
سماج جي سڙيل ڳڙيل
ڍانچي مجبور ڪيو
نديءَ ۾ ٻوڙڻ لاءِ
سوريہ پُٽر، ڪوَچِ ڪُنڊلن وارو
جنهن کي نديءَ ۾ لوڙهيو ويو
جنهن يوڌي جي وجُود کي
سموري پرٿويءَ کي
درڪار هئي
جي اهڙي ڪرڻ جي
نہ صرف مهاڀارت واري
يُگہ ۾،
هن يُگہ ۾ بہ سخت ضرورت آهي.
ڪنهن نديءَ ۾،
ڪنهن ڪچري پيٽيءَ ۾
ڪنهن ريل جي پٽن تي

ڦتو ڪندڙ
هٿ جوابدار آهن،
ڪُڌا ڪرتوت ڪندڙ ۽ ڪرائيندر
اهڙن ڪارنامن ڪندر-ڪرائيندرن
تي قياس ڪرڻ گهُرجي ؟
همدردي ؟ ديا ؟
نفرت ؟
مؤت جي سزا ؟
اهو حق
ٻئي ڪنهن کي به
هرگز نہ آهي
صرف 'ڪَرڻَ'
کي آهي.
اُن ٻار کي
جو پٽيل پاراتو
هرگز نہ آهي،
۽ نہ ئي ڪو سراپ.

# مُبهم مُبهم

ھو ھڪ ھٿ،
سندس ٻچيءَ تي رکي،
ٻيو ھٿ،
سندس مٿي تي گھمائي رھيو آھي،
پيار ڏيکاري رھيو آھي.
ڪن کي نصيب تي رشڪ
ٿي،
”ھيءُ ڏيھ نرالو عشق“
ھن جي اکڙين ۾، لڪل اشڪ
جڏھن روئداد، ٻڌائڻ ھوءَ چاھي
پنھنجا جذبا، سلڻ ھوءَ چاھي،
ھن جي شرارت، چلڻ ھوءَ چاھي
نہ ٻلي جي نس تي،
سھڻ جي حد کان ٻاھر عذاب
ظاھر طور،
ھٿ گھمائڻ جي
رفتار ۾ تيزي
۽
پيار جو اظھار
مُبھم مارينڊر مار
پرکي ڪو
خاموش مجبور نھار.

# ڏونهون

اڄ ڏونهون نڪري تو
ڌن جي جهوپريءَ مان
پڪ ئي پڪ مانيِ اُتي
پڪي هوندي
بڪ اڄ اُت پڪ ئي پڪ تکي هوندي
اڄ، فخر سان هوُ
جوءَ جي ير ۾ هوندو
هوءَ به ڌن سان
لڳي ويٺي هوندي.
بار به
چلهه کي وينا هوندا گهيري گهيري
اڄ
سڄ پڄ جي
ماني اُتي رڌي هوندي.
ڪيسي ۾ نوٽن جي گرمائش
مُڇن کي وٽ هو ڏيندو هوندو
سڳنڌ پري، سبزيءَ جي خوشبوءِ
هلڪو هلڪو ڍوڍي جو ڳُڀاءُ

اڄ ڏونهون نڪري تو،
ڌن جي جهوپريءَ مان،
پڪ ئي پڪ ماني اُتي رڌي هوندي
بُک اڄ اُت پڪ تکي هوندي.

# اونداهو عرصو

اڇائن، اُدمن
احساس، اُمنگن کي دٻائي
پنهنجو پاڻ کي هيسائي
هڪ ڪمزور ڪيئين جيان
هڪ ڏڪيل، رُڪيل، مُئل
ڪجهه عرصو زندگي گذاري
مگر اُهو عرصو ويو لنبو ٿيندو.
هڪ اونداهي غار، جا بيحد ڊگهي هئي.....
هڪ منحوس عرصو.
ڇا اونده، منحوس هئي؟
’نه‘
ان اونده ۾، روشنيءَ جو قدر ٿيو.
اهو عرصو، اڇيتن من ۽ تن جي
ٽڪاوت ڪڍڻ جو هو.
گهڻو ڪجهه ڏيکارڻ ۽ سيکارڻ وارو عرصو.
ڪجهه پُرڻ، پچڻ وارو عرصو
۽ وري ڪجهه نئون اڏڻ وارو عرصو
جيئنو، سڙيل، ناڪاري ڪافور ٿي ويو
است ڪنبڻ لڳو، ستيه چمڪڻ لڳو.
ڪو خال هو، پرجي ويو جو.
سُنيون، منيون، املهه سوغاتون
بخشي ويو
اُهو هڪ اونداهو عرصو.

# مُهرا

مونکي نہ شکايت مُهرن سان
مُهرن جا بہ چا تيندا آهن چهرا؟
ظالم ان شاطر جا هٿڙا
جي مُهرن سان شهہ ڏيندا آهن.
مُهرا ويچارا ٿيا هٿيار
هلن مبهم، مجبور، غلام.
بنا ويچار، ذهني لاچار،
آتم گهاتي آهن مُهرا.
پنهنجي اهنکاري اُستادن لاءِ
سر بہ ڏيندا آهن اکثر
مونکي نہ شکايت مُهرن سان
مُهرن جا بہ چا ٿيندا آهن چهرا؟

# تون ! تون !! تون !!!

هڪ ندي وهندي وهندي،
لُڏندي، لمندي، ڪُڏندي
جبل تان لهي،
آبشار بڻائيندي
بيشمار بجلي پيدا ڪندي
سُڪل وٽن، ٽٽن کي پاڻي پهچائيندي
برپٽن کي باغ بهار بڻائيندي
کيتن کي سائو - سبز ڪندي
پياسن جي پياس مٽائيندي
ڪنهن کي سندس. وهڪري تي اعتراض ٿيو.
سيمينٽ، پٿر، مٽي، هٿ ڪري
شاطراڻي سازش سان
سندس وهڪري کي هٿرادو نموني قيد ڪيو.
وهڪرو ۽ وهڻ، سندس اصلوڪي فطرت ۾ شامل هئا.
هوءَ منجهڻ، لُڇڻ، ڪُرڪڻ، ڪنجهڻ لڳي.
هوءَ هڪ هنڌ بيٺل ندي.
بيٺل ڍنڍ وانگر منجهس
گند، ڪچرو، ڪک، پن، پوندا ويا.
هن ۾ سينور ۽ بانس وڌڻ لڳي.
اڳتي وڌڻ، ڪنهن جو ڪلياڻ ڪرڻ،
اهوئي سندس فطرت ۾ شامل.
لُڇندي لُڇندي، پاڏائيندي
هُن جا هٿ جُڙي ويا، پرارٿنا لاءِ

پرماتما کي پُڪارڻ لاءِ.
ڪو ڪرشمو ٿيو، ھوءَ زمين دوز ٿي ويئي.
پاتال ۾ سمائڻ ڪانپوءِ
ھن جي وھڪري تي ڪا بہ پابندي نہ رھي.
وَھڻ سان،
ھُن جو سڄو گند، ڪچرو، بانس نکري ويو.
صاف پوتر، پنھنجي اصلي فطرت جي وارث.
نئڙت ۽ نياز سان
ھوءَ پاتال گنگا بڻجي پيئي.
پلائي ڪندي رھي
سازش ڪندڙ ھٿن جي، ھڪ محدود حد آھي.
ھو عرش ۽ پاتال پھچڻ ۾ اسمرت آھن.
ھت تي ھٿ رکي ويھڻ وارا ھو ناھن
ھاڻ! ھوُ ڪنھن ٻيءَ نديءَ جي وھڪري کي
بند ڪرڻ لاءِ مغز پيا مارين
۽ تلاش ۾ مصروف آھن
ھڪ وھندڙ نديءَ جي .....

تون! تون!! تون!!!
تہ ڌرتيءَ تي ھڪ وھندڙ ندي تہ نہ آھين؟
تون! تون!!
سڌي - اڻ سڌي نموني
ان نديءَ جو وھڪرو بند ڪرڻ لاءِ
سازش ۾ شامل ٿيل، ھڪ شاطر،
ھت تہ نہ آھين؟؟

# حقيقت ۽ پوُر

مان بندرو،
بندريون منهنجيون ڳالهيون،
ڌرتيءَ کي ويجهو آهيان.

تون ڏگهو،
ڏگهيون تنهنجيون ڳالهيون،
ڌرتيءَ کان تون دور.

مان حقيقت،
تون پوُر! .

پوي. اهڙي زال جي رچناتمڪ جيون ۾ انڌيرو ٿو ڇانئجي وڃي. سنڌس انترآتما روئي ٿي ڏئي. جنهن زال جي جيون، ساهت، ڪلا، فلاسافي، نرتيہ، گيت، سنگيت ۽ چترڪلا سان لبالب آهي، ان کي ساٿي بہ اهڙو ئي گهرجي، جو ڪيس سمجهي سگهي. سنڌس من کي پڙهي سگهي. اندر جي ڪلاڪار کي سڪون بخشي سجاڳہ ڪري.

هن ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو فطوري سياءُ ڏيکاريل آهي. جنهن ۾ منووگيانڪ ستيہ سمايل آهي. هوءَ ڪڏهن بہ عمر سان سمجهوتو نٿي ڪري (مرد پڻ ائين ئي آهن). هوءَ ڪَنَ ۽ سينڌ جا اڇا وار ڪاجل سان ڪارا ٿي ڪري.

زندگي جيئڻ لاءِ ڪو مقصد هئڻ لازمي آهي. پنهنجين پسندين سان نهڪندڙ انسان ئي وڻندڙ لڳندو آهي. هن لاءِ جيءَ ۾ جاءِ جڙي ويندي آ. دل جي اوچي آسڻ تي وهاريو ويندو آ، هن کي. هڪ ئي شخص کي ماءُ ۽ ڌيءُ، هيترا سال پيار ڪنديون هيون. دلچسپ ڪهاڻي آهي.

**ٽڙيل پکڙيل** : هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي جاتيءَ تي ملامت ڪيل آهي، جا پنهنجي سڃاڻپ لڪائي، انگريزي لباس اوڍي هلي ٿي. سنڌي پاڻ کي ڪنهن بہ رنگ ۾ رنگي ڇاڏن. غير سنڌي ڀاشائن جي اثر ڪري، سنڌين (سنڌيت) جو ڪيترو نہ نقصان ٿيو آهي. غيرسنڌين جي ماحول ۾ رهڻ ڪري، سنڌين پنهنجي اصليت، سنسڪرتيءَ ۽ تهذيب کي طاق تي رکي، ٻين جي ريتين رسمن کي اپنايو آهي. رڳو سنڌي جاتي ئي آهي، جا پنهنجي ماترڀاشا ۾ ڳالهائڻ کان ڪترائي ٿي. اهڙيءَ حالات لاءِ، ورهاڱو، اُن جو درد ۽ پيڙا، ۽ ٻيون دردناڪ گهٽنائون ئي جوابدار آهن. سنڌي، سنڌيءَ کان ڪٽيل، پنهنجي ورثي

کان وانجهيل، ڏارين جي وچ ۾ رهن تا اچ! ان ڪري منجهن احساس ڪمتريءَ جو مادو، اڪيلائيءَ ۽ بي سلامتيءَ جو احساس وڌيل آهي. مرتڪ شرير کي ڪٽڻ لاءِ چئن ڪلهن جي ضرورت پوي ٿي. جيءَ کي جهوڙيندڙ درشيہ چتجي ٿو وڃي اکين جي سامهون، جڏهن پڙهجي ٿو ته ١٢ سالن جي ڌيءَ، پنهنجي مئل ماءُ جي شرير کي سنان ڪرايو. ان صدمي ڪري هوءَ دماغي سنتلن کوهي ٿي وهي. گهري ۽ اونهي سوچ سان لکيل ڪهاڻي آهي.

هوءَ : هيءَ هڪ عام ڪهاڻي آهي. پر حقيقتن جي ترجماني. هن ۾ ڏيکاريل آهي ته عورتن کي، روزي روٽي ڪمائڻ جي چڪر ۾ آفيس ۾ پنهنجي عزت نيلام ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ، ڇا ڇا نہ سهڻو ٿو پوي. پونم واسواڻي هڪ خوددار شخصيت جي مالڪڻ، سندر، سڀاجهي، نماڻي ۽ فضيلت جي مجسم مورت ڏيکاريل آهي. پنهنجي پوترتا کي سانڍي رکڻ لاءِ، هوءَ ڪڏهن به باس سان سمجهوتو نٿي ڪري. نتيجي طور هوءَ پڇاڙيءَ جو ڪلارڪيءَ جي ڪرسيءَ تان ٿي رٽائر ڪري. هوڏانهن شيلا منسکاڻي، استري ٿي ڪري، استري ذات جي دشمن بڻجي، نفرت ۽ بدلي جي آگ ۾ جلي ٿي. هوءَ چرترهيڻ ۽ گُڻ هيڻ هوندي به، آفيس ۾ وڏو پد ماڻي، باس ۽ اسٽاف تي راڄ ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ مونکي لڳو ته ڪجهہ خال خال آهي. ڪهاڻي اجا ڪجهہ وڌي ڪري سگهجي ها. پڙهندي من نہ ڌاپيو. جلد پوري ٿي. پونم سان آفيس جون ڪارگذاريون، باس جون شرارتون ۽ ٻيا ڪي واقعات وڌيڪ ڏيکارجن ها جيڪر!

رشنا : هن ۾ سنڌيا، مشاعري ۾ بهرو ٿي وٺي. سندس منڙيءَ مرڪ ۽ احسانمند نگاهن تي سڀ فدا آهن. هيءَ هڪ

برجستي ڪھاڻي آھي. ھن ۾ ڊيڪاريل آھي تہ رشتا رڳو سريرڪ ميلاپ سان نہ بلڪ ھڪ ٻئي کي آتمڪ ۽ روحاني سڪون ڏيندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. جيڪڏھن ھڪ ٻئي جا گڻ، پسنديون، ڪلاڪرتي ۽ رچناتمڪ جيون وٺي ٿو. ڇا استري رڳو ھڪ سرير آھي؟ ڇا استري ۽ پرش جي وچ ۾ من ۽ خيالن جا رشتا ممڪن نہ آھن؟ ساٿي اديب سان ويچار ونڊي ڪجھہ بھتر بڻجڻ جي تمنا ھوندي آ من ۾. ھن ڪھاڻيءَ جو تاتپرج اِھوئي آھي. شريرڪ ھٿ چراند ڪرڻ ڪانپوءِ، ديپڪ جي حالت ھڪ زخميل پکيءَ وانگر ٿي ٻڌجي پوي. ڊاريل ضمير ۾ سڄاڳي ٿي اچي. سنڌيا جي عظمت ۽ مُھانتا ئي ڪيس ڪِرڻ ڪان بچائي ٿي وٺي (ديپڪ کي).

**تنھنجا نصيب ڪليا** : ھيءَ ھڪ دڪانتر ڪھاڻي آھي. پڙھندي اندر ڇُلي ٿو پوي. ڪنھن ڪتنب جي جيئري جاڳندي تصوير چٽيل آھي. پاٺڪ سوچ جي سمنڊ ۾ غرق پيو ٿئي، رجنيءَ سان قدرت جو انياءُ ڏسي، سندس نصيب تي آنسون پيا وھن. سموري زندگي جدوجھد ۾ ٿي گذريس. ٻچپن ڪانوئي ٿي، دکن جي مھراڻ ۾ غرق ٿيل. جيئري بہ جڻ زنده لاش، ھڪ پٿر جھڙي جڙ پدارٿ جھڙي جيون! ڪيس جيئڻ ڪان مرڻ سؤلو پيو لڳي!! حالتن مطابق، ماءُ جو اھڙو ڪليجو بہ ٿيندو آ، جو پنھنجي جگر جي ٽڪرن کي ميلي ۾ ڇڏي ٿي اچي. ٻارن جي واپس ملڻ تي، ڪيس پيڙا ستائي ٿي تہ ٻارن جي پالنا ڪيئن ٿيندي؟

**قدرت جو نيم** : وڏڙن کي پنھنجن ٻارن سان سمجھوتو ڪرڻو ئي پوندو آ. ھن ۾ نوس سنيہ سمايل آھي. پنھنجون سالن ڪان سانڍيل شيون، سوغاتون، اڄ جي ٻارن کي ناپسند

لکِي سگهي ٿي. ڪتاب جي سري واري ڪهاڻي ٻہ دل کي ڇهندڙ آهي، عبادت.

پوءِ پڙهيم ’اندرا شبنم‘ وارو پنو. ڪيتري اتڪ محنت ڪري تو چا چا نہ پرايو آهي! واقعي تنهنجي جيون پوري طرح سڦل آهي. اهو ڄاڻي بيحد خوشي ٿي تہ تون نہ رڳو يوگا سيکاريندي آهين بلڪ ريڪِي ماستر بہ آهين. سنڌي ليکڪا، مراڻي ليکڪا، ڪويتري، آخر ڪتاب جي پوئين ڪور تي تنهنجي ڪوتا ’دنيا سان پيار منهنجو‘ پڙهي دل خوشيءَ مان اُڇلڻ لڳِي، اهڙي آشاوادي ڪويتا فقط وشال دل واري شاعرا لکِي سگهي ٿي. سؤلي سنڌي ٻوليءَ ۾ جو ڪجهہ تون لکين ٿو اُهو ساراہ جوڳو آهي.

گوبند پنجابي، ممبئي

پيڻ اندرا شبنم،

عرض تہ اوهانجي ڪهاڻين جو مجموعو ’عبادت‘ پهتو. هن کان اڳِ مونکي اِها ئي ڄاڻ هئِي تہ اوهان گهڻي ڀاڱي ڪويتائون ئِي لکندا آهيو، پر هن مجموعو مان اِها خبر پيئِي تہ اوهان ڪهاڻين تي بہ قلم آزمائِي پيا ڪريو.

- مجموعي جون ٽي ڪهاڻيون پڙهيون اٿم. عبادت، چڪرويوهہ ۽ وهڪري جو موڙ. اهي مونکي وڻيون. نہ ڳؤرا اکر، نہ وڙوڪڙ، بلڪل سليس ۽ سهڄ ٻولِي استعمال ڪيل آهي، من تي اثر ڇڏيندڙ ۽ منووگيان سان اُٽيل.

ڪور چتر بہ سهڻو لڳو. اِهو عبادت ڪهاڻيءَ تي چٽيل چتر آهي. ڇپائِي ۽ گيٽ اپ بہ ڀلي لڳِي.

ڪارڊ لکندي ’تڙيل پکڙيل‘ ڪهاڻِي بہ پڙهِي ورتم جيڪا حقيقت تي ٻڌل آهي. ٿِي سگهي ٿو تہ اسان جي سو ڪالڊ تنقيد نگارن کي اِها نعري بازِي لڳِي.

ان پيشڪش لاءِ منهنجون شيپ ڪامنائون قبول ڪندا.

واسديو سنڌو پارتيِ، جئپور

منهنجي پوني واري ڀيڻ اندرا ’شبنم‘،

توهانجي تازا ترين قلم بند ڪيل پستڪ ’عبادت‘ شايع ٿيڻ جي موقعي جون لک لک واڌيون. ڪتاب اڄ پڙهي پورو ڪيو اٿم. ڏهئي ڪهاڻيون جيون جي جدا جدا پهلُن کي ڇُهن ٿيون. ڪهاڻيون ’چڪرويوه‘، ’هوءَ‘، ’رشتا‘، ’فيصلو‘ بهتر لڳيون ۽ سڀ کان بهترين ’گهر‘ دلڪش لڳي ۽ وري توهانجو پوئين صفحي تي غزل

ڌرتيءَ جي دلنوازيِ، سڀ مرڪ لڙڪ پيارا

سک دک جو اهڙو سندر، ٻيو ڪو مقام ڪونهي.

ان جي ساراه لاءِ مون وٽ الفاظ ڪونهن. توهانجي قلم ۾ لاثانيِ برقت آهي ۽ خيالن ۾ گهرائيِ.

وليرام ڪشناڻيِ، گانڌيدام

پريه اندرا،

تنهنجي ’عبادت‘ جو اکر اکر پڙهيم. پڙهي ڪري وري پڙهيم. ڪي ڪهاڻيون، مثال طور ’تڙيل پکڙيل‘ پنهنجي سنڌي ويلفيئر ائسوسئيشن جي ميٽنگ ۾ پڙهي ٻڌايم. هر ميمبر واه واه ڪئي ۽ چيو هڪ سُر ۾ ته ڪهاڻي اڄ جي حالات تي، سنڌين جي حالات تي هڪ پُر اثر تبصرو آهي. تنهنجون ٻيون ٻه ڪهاڻيون، ’تنهنجا پاڳه ڪليا‘، ’هوءَ‘، ’گهر‘، ’قدرت جو نيم‘ ٻه دل کي ڇهي ويئون. ها ڪِن ڪهاڻين ۾ تنهنجي پنهنجي شخصيت ۽ روح جهلڪي پيئي. پر اُها هڪ نيچرل پروسيس آهي. ليکڪ ته نظر ايندو ئي خاص ڪري اُنهن کي جيڪي ليکڪ جي حقيقي جيون کان واقف آهن. پر هر ڪهاڻيءَ

ان کي ائين به کٽي چئجي ته کو رچناڪار ان حالت ۾ پنهنجي فن/ ليک/ ڪهاڻي/ ڪيرتيءَ/ آڪرتيءَ ۾ توڙي رچنا ۾ هڪ اوچي سڦلتا حاصل ڪرڻ جي شخصيت رکي ٿو.

اوهان ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ليکڪ ڪردار کي کٽي، سندس هڪ اُن اوچ سنيه جي ڀاونا کي پيش ڪيو آهي، جن کي هڪ عام باشندو سمجهڻ ۾ هميشه غلطي ڪندو پئي رهيو آهي.

ڪهاڻيءَ مان اندر پيش ڪيل ڪجهه اهڙن لفظن جا رنگين دلڪش اسپيس آهن جيڪي دل جي اندرين تهن ۾ پيهي من کي گهرو متاثر ڪن ٿا. اُهي آهن جيئن ته :

١. چوطرف سرهاڻ ڦهلجي ويئي. چندن جي ان خاني ۾ گلاب جون کي تازيون سکل پنکڙيون پڻ پيون هيون.

٢. هٻڪاءُ سان سيتيل نسن کي راحت ملي

٣. اصل ولين، فلمي ولين نظر اچڻ لڳو. دل ۾ چيم، ’ڊبل رول‘.

٤. مون سندس ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ چاتيءَ سان لاتو. جڻ ته هن جو درد چوسي کڻڻ جي ڪوشش ڪيم. ڪهاڻيءَ جي مفهوم ۾ اينٽري نواڻ پل ڪين آهي، پيش ڪش ۽ شئليي سچوٽ آهي ٿي. هن نئين اشاعت سبب سنڌي ساهت ۾ هڪ ضروري ۽ سندر اضافو پڻ اوس آهي.

گهنشام ساگر، احمدآباد

پياري ڀيڻ اندرا،

ڪهاڻين جو ڪتاب ’عبادت‘ مليو ۽ ڏيان سان پڙهيم. ڪهاڻيون سٺيون لکيل آهن. لکندي رهه، مشق پچائيندي رهه.

گوپي موٽواڻي، ممبئي